# پرين تنهنجي پياس ۾

(رسالو - فقير ولي بخش راڄڙ)



Gul Hayat Institute

مرتب: فقير محمد بخش "ضامن"

## منٺار فقير اڪيڊمي

ڪاٽي راڄڙ، ڪيرو، ضلعو سانگهڙ، سنڌ

پرين تنهنجي پياس ۾ سڪان ۽ ساريان
اچڻ لئه عجيب ٿو نئين سج نهاريان
ولي بخش چئي ورونهن ۾ ايو اوساريان
هنجون ٿو هاريان سڄڻ تنهنجي سڪ ۾

Gul Hayat Institute

# پرين تنهنجي پياس ۾
## (ڪلام فقير ولي بخش راڄڙ)

مرتب

فقير محمد بخش راڄڙ "ضامن"
سجاده نشين درگاهه حضرت منٺار فقير
چيئرمين منٺار فقير اڪيڊمي
ڪاٺي راڄڙ تعلقه کپرو - ضلع سانگهڙ
1999ع

Gul Hayat Institute

حق ۽ واسطا قائم

چاپو : پهريون
سال : 1999ع
تعداد : هڪ هزار
قيمت ـ 100 روپيه
ڇپائيندڙ: منٺار فقير اڪيڊمي ڪاٺي راڄڙ تعلقه ڪپرو
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: محمد سومار چنو(اڏيرائي) جمشيد جوٽيجو
ڇاپيندڙ : اسناد پرنٽرس باصم چيمبر نزد حيدر چوڪ گاڏي کاتو
حيدرآباد

Gul Hayat Institute

| صفحو نمبر | فهرست | شمار |
|---|---|---|
| ١٢٩ | عمر ڪوٽ ۾ آئون | ٨٢ |
| ١٣٠ | عمر منھنجن اباڻن ساڻ | ٨٣ |
| ١٣١ | ڪٿي مارو منھنجا ڪٿي آئون رهيس | ٨٤ |
| ١٣٢ | مون کي پل پل ياد پنھوار عمر | ٨٥ |
| ١٣٣ | لائي لٿون توسان مون دلڙي ڦرائي | ٨٦ |
| ١٣٤ | محب منا دل جاني | ٨٧ |
| ١٣٥ | توريءَ ساعت سال برابر | ٨٨ |
| ١٣٦ | دلڙي ڪئي تو ديواني | ٨٩ |
| ١٣٧ | مون سان محب مٺي مننار | ٩٠ |
| ١٣٨ | موٽ منا مننار وو يار | ٩١ |
| ١٣٩ | سڪ ريت پريت پڇائڻ جي | ٩٢ |
| ١٤٠ | ساهڙ منھنجو ساهه | ٩٣ |
| ١٤١ | اچي ساهڙ ٿيءُ سائي | ٩٤ |
| ١٤٢ | ڪا مون جيئن لائي مٽان ڙي | ٩٥ |
| ١٤٣ | ور پہ مان وري | ٩٦ |
| ١٤٤ | سسئي چڙ نہ سڏڙي | ٩٧ |
| ١٤٥ | جت وڃئي تو زور ڙي | ٩٨ |
| ١٤٦ | ڪنيزڪ ڪيچ جي اصل ڪان آهيان آئون | ٩٩ |
| ١٤٧ | آئون ڪم ذات ڪوجهي | ١٠٠ |
| ١٤٨ | آيو تڙ تماچي | ١٠١ |
| ١٤٩ | سوڍل کي ڙي سرتيون | ١٠٢ |
| ١٥٠ | ميارون مون ڏي مهندار | ١٠٣ |
| ١٥١ | بيت | ١٠٤ |

Gul Hayat Institute

آئون هي رسالو وڏي عقيدت سان
قبله مرشد مخدوم محمد امين فهيم سائين
جن سان منسوب ڪريان ٿو جو هي سموريون عنايتون سندن ئي نظر ڪرم جي طفيل آهن جا هميشه رهندي آئي آهي ۽ رهندي اچي. هي حقير وري به عرضدار آهي

فقير محمد بخش راڄڙ "ضامن"
ڀاريدار درگاهه منٺار فقير راڄڙ ڪاٺي

Gul Hayat Institute

طالب المولیٰ

ھالا
١٢ سپٽمبر ١٩٧٢

صداقت بخش عقيدتمند لئيق فقير ولي بخش سلمه الله

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

معلوم ٿيو ته منٺار فقير مرحوم جي وفات جي تاريخ لکڻو [illegible] سال

ان شاء الله فقير جي [illegible] جو سال [illegible] لکجي

موڪلي ڏبو. [illegible] فقير جي [illegible] بهتر

اچي ته لکجي ته ڪهڙي نه انداز سان تاريخ لکي ته فقير جي

عمر اتي گهڻي لکجي. بهتر آهي ته موڪلڻ کان اڳ جلد

موڪليو.

٢- ساڳي طرح ميرل فقير ٻيل جي به وفات جي تاريخ،

عمر، سنڌس پيءُ جي نالو ۽ حياتي جو بيان ۽ پورو احوال

موڪليو. خود سنڌس وري واپس ڏبو.

والسلام
دعاگو
محمد زمان

(حضرت مخدوم طالب المولیٰ جو خط فقير ولي بخش ڏانهن)

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute

عالي جناب قبلہ مخدوم
محمد زمان طالب المولیٰ

هالا

١٤ ذي الحج سنه ١٣٨٢ھ

١٤ مارچ ١٩٦٢ع

جامع خصائل حميده فقير ولي بخش

السلام عليكم - معلوم هجي ته رحيم يار خان طرف هلڻ لاءِ

٢٠ ذي الحج تي اوهان کي هالن اچڻو هو. مگر سفر جي پروگرام ۾

ڪجهه ڦير گهير ٿي جدا جدا ٿيا آهن. شهرن ڪري في الحال اڃا تاريخ

نه اينداٰ. جڏهن پوري اطلاع ٿيندي تڏهن اينداٰ. پر جيڪڏهن

پروگرام سان گڏ هلڻ ته هن ٻه اطلاع لکندي اينداٰ. جي پوري

هليا ته نوينداسون. اوهان کي ههڙن سفرن ۾ پاڻ سان ٻه

هفتي کن لاءِ هالن گهرايو. اهڙو اطلاع فتح دين شاهه

جي هٿ ٻه اوهان ڏي موڪليل آهي.

طالب المولى

Gul Hayat Institute

(حضرت مخدوم طالب المولى جو خط فقير ولي بخش ڏانهن)

فقير ولي محمد بخش

مريد درگاه شريف جو

السلام عليكم خيريت طرفين مطلوب المقصود آهي. بعده ڪتاب

تيار ٿئي مولوي صاحب ادا صاحب ڏي لکيو آهي ته ڪتاب

جي لکائي ۽ جلد ۾ ٣ روپيه آهي ڪتاب ٻيڻ

مدت ٿي آهي جو جلد تيار ٿي آئس پيار

سنا آهي اڳ سنا آهي مولوي صاحب جا اميد

سنه ١٣٥٥ھ

مورخه ٢ محرم الحرام ... زياده خير و السلام فقط

شد

١٢ مارچ

١٩٣٥

[redacted]

حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر جو فقير ولي بخش ...

ڏاهي لکيل خط

گوش ڏيئي سڻو تهنجي تروِدي اشواقا، الي رسالي
ڪتاب رسالي فتحيم هنير مذڪورا، منجھ شان مخدوم
سلامت جي جو ڪامل مڪملا، ته ڪڪر هو ڪرامت
جو عنايت سند وارا، والي ولايت جو هو هادي هدايتا
سرتاج سيني ولين جو ڏيو ڏيهنا، شمس هو شريعت
جو واقف وحدتا، پيروي پيغمبر جي تي هو مستقيم
مضبوطا، طالب هو طريقتجو عارف عرفانا، حاڪمي
حقيقت جو مايو معرفتا، مالڪ مختار هو سند جبروتا
سرتاج سير ملڪوت جوءِ نامور ناسوتا، لالن لاهوت
مان ڪئو گوهر گذرانا، سيئي لطيفا لطفس الڳي ڪيائس
عطا بحر هو بخش جو سمند سخاوتا، دفتري اهل الله
جو خادم الفقرا، ختم الاوليا هو تهنجو لقب مشهورا

Gul Hayat Institute

(حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر سائين جن طرفان مرشد نوح
فقير رحمت الله عليه جن جي ملفوظات شريف جي قلمي
نسخي جي هڪ صفحي جو عڪس جيڪو ۱۹۳۹ع ۾ فقير
ولي بخش سائين جن ڏانهن لکرائي موڪليو -)

## ٻہ اکر

اھا ڳالھہ باعث مسرت آھي تہ " منٺار فقير اڪيڊمي " طرفان پرين تنھنجي پياس (ڪلام فقير ولي بخش راڄڙ) ڇپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي. فقير ولي بخش مرحوم منٺار فقير رح جو پوٽو ھو ۽ انھيءَ ناتي شاعري سندس ورثي ۾ آئي.

حالانڪ فقيرولي بخش مرحوم جو گھڻو ڪلام پاڻ سندس حياتي ۾ ئي ضايع ڪري ڇڏيائين. ۽ پوءِ ڪيترو وقت شاعري ڇڏي ڏنائين. وري زندگي جي پوين ڏھاڙن ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين جيڪو ھن مجموعي ۾ شامل آھي.

فقير ولي بخش مرحُوم ڪافي جو پختو شاعر ھو. پاڻ پيھر ان دور ۾ ڪافي چوڻ شروع ڪائين جڏھن سنڌ تي غيرڪلاسيڪل غير عروضي ڏارين صنفن جو اثر وڌڻ لڳو. قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان سائين طالب الموليٰ تہ نہ صرف ڪافي تي ھڪ لاجواب ڪتاب لکيو بلڪ پھريون دفعو ڪافي مشاعرو ڪرايو جنھن بعد سيني رجحانن ۾ تبديلي آندي.

فقير ولي بخش مرحوم جيئن تہ راڳ جي فن مان مڪمل آگاھ ھو. ان ڪري سندس ڪافي ۾ موسيقي جون سڀ رمزون موجزن آھن.

ھن دور جو ڪو بہ فنڪار راڳي ولي بخش مرحوم جي ڪافي ڳائيندو تہ ڪيس ڏن خود بخود ملي ويندي.

جڏھن قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ حج بيت الله جي سعادت تان واپس وريا تہ فقير ولي بخش مرحوم ھڪ ڪافي

اڄ پرين پاتا پرتئون پير. اھي پير چمان پيزار چمان.

چئي ھئي. ھيءَ ڪافي ھن وقت بہ سنڌ جي فقراءَ ۾ مقبول عام آھي.

اسين منٺار فقير اڪيڊمي جي ڪارڪنن کي جس ٿا ڏيون ۽ دعا ٿا ڪريون جن ھن اھم ڪم کي سرانجام ڏنو آھي.

(مخدوم محمد امين فھيم "

سجاده نشين درگاھہ حضرت نوح رحہ ھالا



قبلہ مخدوم محمد امین فہیم سائین



8 فيبروري 1998ع تي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي درگاهه منٺار فقير اندر، منٺار فقير ۽ فقير ولي بخش (مرحوم) جي مزارن تي، درگاهه جي سجاده نشين، فقير محمد بخش ضامن سان گفتگو ڪندي.

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute

مخدوم جميل الزمان صاحب
درگاھ منٺار فقير جي آستاني تي.

# ٻه اکر

فقير ولي بخش (مرحوم) جو سنڌي ڪافي جي شاعرن ۾ سٺو مقام آهي. سندس ڪافين ۾ نه صرف نج سنڌي سماج جو عڪس نمايان آهي، پر وحدت جون وايون تصوف جا نقطا ۽ فن جون تمام موشگافيون موجزن آهن سندس ڪلام ۾ جيڪا مرشد جي محبت ۽ سڪ جي ڪشش سمايل آهي سا ٻه لاجواب آهي.

" منٺار فقير اڪيڊمي " طرفان ايڏي سٺي ۽ سهڻي ڪلام کي ترتيب ڏيئي پيش ڪرڻ ادبي دنيا ۾ هڪ اهم خدمت شمار ڪيو ويندو.

" منٺار فقير اڪيڊمي " پنهنجي قيام کان وٺي مسلسل اهم ڪم ڪيا آهن اسين اڪيڊمي جي مڙني ڪارڪنن کي هن علمي جاکوڙ تي مبارڪباد ڏيون ٿا ۽ اميد ڪريون ٿا ته اڪيڊمي هن سلسلي ۾ اجا ٻه وڌيڪ اهم علمي ۽ ادبي ڪم سرانجام ڏيندي آمين.

مخدوم جميل الزمان "جميل"

Gul Hayat Institute

سڄڻ حمد بنا سا بات ڪيهڙي ري
عطا عشق تي ڏيو ڏيءَ ذات ڪيهڙي ري

ڪيهن ڪيا نه نبي الله پيتيون
شريعت ڪي ملا ڪو تا ضرورتون

بنفلاسي باسن جهنّا ناڪن تي
بنا عمل پلا آبات ڪيهڙي ري

سي آباتي پلي سي ڪهاتي پلا
سي باتي پلي سي ذات پلي
سي جوبن پلا سي راتي پلا
بجهان ميں متين پهلين ساراتي ڪيهڙي ري

(هٿ اکر فقير ولي بخش راجڙ)

Gul Hayat Institute



فقير ولي بخش راڄڙ سجاده نشين
درگاهه منٺار فقير ڪيرو
جنوري 1981ع تي منٺار فقير جي مزار تي دعا گهرندي



Gul Hayat Institute

فقير ولي بخش راڄڙ کان انٽرويو ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا
سرفراز راڄڙ، عبدالله ورياهه، عبدالقادر جوڻيجو




هي راند حضرت قبلا مرشد غلام محمد گل سائين جن کان فقير ولي بخش سائين جن کي مليي جنهن جو نقل پريل فقير پٺنار فقير سائين جي جوڙايل رسالي بحرلعاشقين بر ڪيو هي ان جو عڪس آهي هن راند بر انسان جي زندگي جو خاڪو ڏنل آهي ته ڪهڙين جاين تي بلائون آهن جن کان بچڻ گهرجي ۽ ڪٿي چاڙهيون آهن جتان چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

# حضرت منٺار فقير رح جو خانداني شجرو




Gul Hayat Institute

## سوانح حيات فقير ولي بخش راڄڙ عليہ رحمت

سونهاري سنڌ تي الله سائين جي اها عنايت رهي آهي جو منجهس ڳاٽيڙي کان وڏيک اولياءَ الله پيدا ٿيا وقت بوقت ڪيئي ناميارا بهادر بيباڪ انسان ايندا رهيا آهن جن پنهنجو نالو اهڙو تہ روشن ڪيو جو سندن دنيا ۾ وارو وڃائڻ کي تہ ورهيہ ٿيا پر اڄ بہ ائين ٿو لڳي جڻ تہ اهي اسان وٽ موجود آهن واقعي بہ اهي تہ آهن ئي هميشہ حيات جيئن فقير منٺار سائين جن هڪ ڏهر ۾ فرمايو آهي تہ :

جي مري جيا منٺار چئي، هوندا سي حيات
جن پاڻ هڻي پاسي ڪري ، پنهنجو الله ڪيئون اثبات
الست بربڪم قالو بليٰ ڪن ياد هڪ ئي حرفات
انهيءَ جي آسڻ تي آهي راتو ڏينهن رحمات
پيا موڳا مريو ٿين مات، هو مرد مرن ئي ڪين ڪي.

انهن املهہ انسانن مان فقير ولي بخش سائين جن بہ هڪ هئا.

### ولادت با سعادت

پاڻ مشهور صوفي شاعر منٺار فقير راڄڙ رحمت الله عليہ جن جي اڪيلي فرزند فقير پير بخش جن جي گهر ۾ جنم ورتئون. اها تاريخ 24 ذوالقعد 1331 ھ بروز ڇنڇر هئي.

Gul Hayat Institute

### سندن ننڍپڻ

پاڻ اڃا ٽن سالن جا مس هئا تہ سندن والد دنيا مان رحلت فرمائي ان بعد سندن پرورش سندن ڏاڏي حضرت، منٺار فقير راڄڙ عليہ رحمتہ الله جن ڪرڻ فرمائي. فقير سائين جن جي ڏنل تربيت ئي کين هڪ ڪامل انسان بنائڻ لاءِ ڪافي هئي.

موڪليو. پاڻ جواب موڪليائونس ته اسان کي اهي ساربون کپن ئي ڪو نه. جڏهن تو وٽ باردانو ڪو نه آهي ته اسان کي به تنهنجي ساربن جي ضرورت ڪو نه آهي اسين گهورڙيا فقير ڪو نه آهيون جو باردانو ڪٺي اچون.

نيٺ ان وڏيري اچي پنهنجي غلطي جي معافي ورتي تڏهن معاف ڪيائونس.

ميلي جي محفل به سندن جهڙي ڪٿي ڪا نه ٻڌبي سندن محفل جا اصول مقرر ٿيل هوندا هئا مثال محفل ۾ راڳ هلندي ڪو ڳالهائيندو ڪو نه يلي هزارين ماڻهو هجن محفل ۾ جتي ڪا نه اٿبي يلي ڪو نواب هجي ڪانپ ڪا نه ڪڍبي پير ڪو نه سڌو ڪبو اگ پوءِ ٿي ڪو نه ويهبو بلڪ هڪڙي لائين سان ويهبو انعام ڀرپور ڏبو پر وٺي وٺي اٿي وڃي انعام ڪو نه ڏبو ، اهڙي طرح اهڙا اصول مقرر ٿيل هئڻ ڪنهن ۾ مجال نه هوندي هئي جو سندن اصولن جي خلاف ورزي ڪري. محفل ۾ عطر جو ڇٽڪار گلن جي ورڪا به هلندي رهندي هئي. استاد منظور علي خان چوندو هو ته اڪبر بادشاهه جي دربار ٻڌجي ٿي سا يقينن اهڙي هوندي. ڪنهن کي اڪبري دربار ڏسڻي هجي ته فقير ولي بخش جي محفل وڃي ڏسي.

پاڻ قرب محبت به اهڙي ڏيئي ڄاڻندا هئا جو جنهن شخص به هڪ دفعو ڪچهري ڪئي اهو جڻ ته خريد ٿي ويو ۽ پاڻ اهڙا سوين ماڻهو ريءَ ملهه خريد ڪيائون به جنهن ماڻهو هڪ دفعو ڪين ڏٺو هوندو ان کي عمر ڀر نه وسرندا.

## سير سفر

پاڻ اڪثر ڪري وقت به وقت فقير سائين وڏن جي معتقدين ڏي مسافري تي ويندا رهندا هئا انهن سان خوب ناتو نباهيئون بلڪ پنهنجا ذاتي معتقد پيدا ڪيائون. ڪن موقعن تي اهڙيون عجيب ڳالهيون ٿينديون هيون جو ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا اهڙن واقعن مان ڪجهه مختصر هتي ڏجن ٿا. هڪ دفعي پاڻ چيلاڙي تعلقي عمر ڪوٽ ۾ ٺڪر آئيڏان سنگهه جي ڪمدار علو پيل وٽ دعوت تي ترسيل هئا ان سال مڪڙن جو تمام زور هجي جو جنهن به ديهه ۾ اچيو لهن ته سجا فصل چٽ ڪري ڇڏين وونٽن جو فصل تيار هجي شام ٿي ته اچي مڪڙ لٿا علو فقير سائن جي ڪچهري ڇڏي هارين کي سڏ ڪرڻ لڳو ۽ تمام ششدر ٿي پيو ته هاڻ فصل تباهه ٿي

ماٺهو جڏهن آرامي ٿيا تہ چور آيا جيڪي اتي ئي پرپاسي ۾ لڪل هئا گهوڙي وٽ اچن تہ هڪ همراهہ آهي جيڪو اتي ڦري پيو چور موٽي ويا اهڙي طرح وري وري پڪ ڪري ماٺهن کي سنتل ڏسيو گهوڙي وٽ اچن تہ اڳيان همراهہ بيٺو آهي پري وڃن تہ ڪير بہ ڪونهي سڄي رات جي ڪوشش باوجود ڪين مايوس واپس موٽنو پيو پوءِ اها پڪ ٿين تہ فقير جي ڪک جو بہ نقصان نٿو ٿي سگهي

اهڙا بيا بہ ڪافي واقعا آهن پر هتي ڪتاب جي طوالت جي ڪري چند واقعا مثال طور ڏجن ٿا.

## مڪان جي خدمت و رياضت

پاڻ اڪثر هڪ واقعي جو ذڪر ڪندا هئا تہ ڪئين اسان هن رياضت جي شروعات ڪئي فقير مننار سائين رح جي وصال کان سگهوئي پوءِ هڪ دفعو هالا شريف وڃڻ ٿيو قبلہ مرشد غلام محمد گل سائين رحمت الله عليہ جن جي حاضري ٿي پاڻ سيني ننڍن وڏن جي خيرعافيت معلوم ڪري پڇيائون تہ فقير هن سال فصل ڪئين ٿيا پاڻ چيائون تہ شڪر آهي گنج ٿيا. سائن وري فرمايو تہ ڪيترو فصل ٿيو تفصيل ٻڌايو ان سال صرف بہ ٽي ايڪڙ ٻني پوکي هيٺ اچي سگهي هئي سو پاڻ تفصيل ٻڌايائون تہ قبلہ ٻنيهہ مڻ ڦٽيون ٿيون آهن جن مان اڌ هاري جو حصو آهي باقي سورهن مڻ ڦٽيون ٿيون آهن ان وقت شايد ڪو بہ ٽي روپيہ مڻ هو سائن اهو ٻڌي فرمايو تہ فقير اهو تہ تمام گهڻو گنج ٿي ويو ايڏا پئسہ خرچ ڪٿي ڪبا. فقير سائين خاموش رهيا ڇو جو رقم تہ هئي ئي چند رپيہ جا خرچجي بہ چڪي هئي. ۽ سائين پيا فرمائين تہ ايڏا پئسہ ڪيئن خرچ ڪبا وري ڪجهہ دير بعد سائين فرمايو تہ فقير اسان جي مرضي آهي تہ ان رقم مان فقير جي مڪان کي پڪو ڪوٽ ڏيارجي اهو ڪم وڃين ڪريو. فقير صاحب جن موٽي آيا ان وقت صرف قبي ۽ مسجد شريف ۽ چئوڪندي جي ڪجهہ حصي کان سواءِ ٻي ڪا بہ تعميرات ٿيل ڪا نہ هئي. واپس اچي پاڻ سوچ ۾ پئجي ويا تہ رقم تہ موجود ئي ڪا نہ آهي پڪو ڪوٽ ڪيئن ڏيارجي پر قبلہ سائين جو حڪم آهي اهو بہ ضرور پورو ڪرڻو آهي خيال ڪيائون تہ مال مان ڪجهہ کپائجي يا ٻني مان ڪجهہ حصو کپائجي اهي خيال ڪندي وري سومار شريف اچي ويو پاڻ هالا شريف ويا جڏهن حاضري ٿي



Gul Hayat Institute

درگاهہ منٺار فقير جو سجاده نشين فقير محمد
بخش "ضامن" ٻائرن فقير لطف علي (کاٻي)
فقير خادم علي( ساڄي)
فرزندان : فقير ولي بخش (کاٻي) فقير ولي
محمد (ساڄي) ۽ فقير اعجاز علي( وچ ۾)

هن فقير جي ڪلهن تي پيو اها ته قبله مرشد طالب المولىٰ سائين عليه السلام جن جو معجزوئي چئجي جو مڪان جو هر ڪم هر روايت دستوري طرح هلندا رهيا ڪو به خاص فرق نه ويو ور نه فقيري جي ف تي پهچڻ محال آهي. 1990ع ڌاري منهنجي شادي قبله سائين جي حڪم سان پنهنجن عزيزن مان ڳوٺ مان ٿي. 16 ڊسمبر 1992ع 20 جمال الاول 1413هه تي مونکي فرزند عطا ٿيو ٻن ڏينهن بعد هالا شريف آياسين قبله سائين ان ڏينهن طبيعت جي ناسازي ڪري ڪنهن سان به ڪو نه ٿي مليا. ان هوندي به اسان کي ملڻ لاءِ سڏيائون ننڍڙي جي ولادت جو ٻڌايوسين ۽ نالي لاءِ عرض ڪيوسين ته ڪهڙو رکجي ته پاڻ هڪدم فرمايائون ته نالو رکبو فقير ولي بخش وري ڪجهه دير رکي چيائون ته اسان جي هوندي فقير ولي بخش موٽي آيو آهي وري پيو ننڍڙو ٿيندو ان تي والد جو نالو رکبو ائين چئي ڪافي دير دعائون ڏنائون اينتري عنايت ٿيڻ ان مهل ته سمجهه ۾ ڪا نه آئي پر پوءِ پتو پيو جڏهن ان ڪان صرف ويهه ٻاويهه ڏينهن بعد قبله سائين جن جو وصال ٿيو اسان کي ظاهري جدائي جو داغ ڏيئي پنهنجي اصل وطن اسهيا.

15 آگسٽ 1994ع ٻيو فرزند عطا ٿيم جنهن تي قبله سائين جي سائين جي ڏنل حڪم موجب بابا سائين جو نالو فقير ولي محمد رکيو سون وري نومبر 1994ع ۾ ٽيو فرزند تولد ٿيو جنهن جو نالو فقير اعجاز علي رکيوسين.

آخر ۾ ڪجهه عرض هن رسالي جي ڇپجڻ بابت:

فقير ولي بخش سائين جي رحلت کان پوءِ بابا سائين جن فقير سائين جن فقير سائين وڏن جي رسالن جي ڇپائي جي ڪم سان گڏ هن رسالي کي ڇپائڻ جو ڪم به هٿ ۾ ڪنيائون رسالي ۾ بابا سائين سان گڏ ايندڙ گروپ فوٽو به ان تياري جي سلسلي ۾ ئي ورتو ويو پر بابا سائين جو رسالو جو ڪم رهجي ويو پوءِ هر سال اها خواهش رهندي آئي ته جلد فقير ولي بخش سائين جو رسالو ڇپائجي آخر هن سال منتار فقير اڪيڊمي کي سندن شعر ڇپائڻ جو اعزاز مليو. سوانح حيات لکڻ کان وٺي پروف ڏسڻ تائين گهڻو ڪم پنهنجي هٿ سان ڪيو اٿم ان ڪري جو ٿيندڙ ڪوتاهين لاءِ ڪنهن دوست کي ذميورر نهرائڻ بجاءِ پنهنجي سرڪٽي سگهجن. قبله مخدوم محمد امين سائين جن جي مهربانين ۽ دعائن ۽ قبله مخدوم جميل الزمان سائين جن جي رهنمائي جوئي نتيجو آهي جو هي ڪتاب تمام مختصر عرصي ۾ ڇپجي سگهيو. ان سان گڏ آئون چاچا سرفراز راڄڙ

عبدالله ورباھ ،پياري خان شر ۽ جان محمد راڄڙ جن جو بہ نهايت ٿي مشڪور آهيان جو سندن ساٿ کان سواءِ هي ڪم ممڪن نہ هو. آئون محترم مقبول ميمڻ صاحب اسناد پريس جو ٿورائتو آهيان جنهن تمام مختصر ٽائيم ۾ هي رسالي ڇپي ڏيڻ جي حامي ڀرڻ ۽ اها حامي پوري ڪري ڏيکارئين.

آئون رسالي جي ڇپائي ۾ ٿيل ڪوتاهين تي اڳواٽ ئي معذرت خواھ آهيان ۽ سيني اهللعلم حضرات کي گذارش ڪندس تہ رسالي جي مطالعي بعد رهيل ڪوتاهين کان خط و ڪتابت ذريعي يا روبرو آگاھ ڪندا رهندا. جيئن اهي نوٽ ڪري آئينده انهن جو ازالو ڪري سگهجي.

دعائن جو طالب
خادم الفقراءَ
**فقير محمد بخش راڄڙ خان**
چيئرمين منٺار فقير اڪيڊمي
درگاھ منٺار فقير راڄڙ ڪاٺي

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute

**فقير محمد بخش راڄڙ "ضامن"**

سجاده نشين

درگاهه حضرت منٺار فقير راڄڙ

وڏو هئو. آئون جڏهن ٻه ڳوٺ ويندو هوس ته سڀ کان پهرين سندس حاضري ضرور ڀريندو هئس. فقير صاحب کي پنهنجي اولاد سان ٻه عشق جي حد تائين پيار هوندو هو. هاڻوڪو درگاهه جو گادي نشين فقير محمد بخش ننڍي هوندي گهڻو بيمار رهندو هو ۽ پاڻ سدائين انهيءَ ڳڻتي ۾ هوندو هو ته سندس علاج تمام سٺن ڊاڪٽرن کان ڪرائجي. انهيءَ وقت ۾ ڪيري ۾ نه ايتريون اسپتالون هيون ۽ نه ڪي ڊاڪٽر. هاڻي ته الحمدالله گهٽيءَ گهٽي ۾ ڊاڪٽر موجود آهن. اسين هڪ ڀيري صلاح ڪري ڪيس حيدرآباد ڪٺي آياسين. فقير صاحب مون کي چيو ته "ادا زندگي تي ڀروسو ڪونهي ننڍڙي فقير سان هڪ يادگار فوٽو ڪڍائي ڇڏجي. اسين بمبئي فوٽو اسٽوڊيو تي آياسين ۽ غفار ڀائي کي چيوسين ته هڪ ٻه فوٽو ڪڍي ڏي. اِئين هڪ يادگار فوٽو نڪري ويو. خدا جي قدرت ڏسو. فقير سائين وڏا ولي بخش فقير ٻه جلد راهه رباني وٺي راهي ٿي ويا ته انهيءَ کان پوءِ جلد پاڻ ٻه اسان کان موڪلائي ويا. اڄ فقير محمد بخش الله سائين جي ڪرم سان سيڪجهه سنڀاليو وينو آهي. جڏهن فقير سائين وڏن جو انتقال ٿيو ته پاڻ تمام گهڻو اداس ٿي پيو. هميشه چوندو هو "اهي بار منهنجي ڪلهن تي نهي ڪو نه ٿو فقير سائين ڪي الله حياتي ڏي ها ۽ اهي ئي هي بار سنڀالين ها" هوندئن ته سڀ ڪم ڪار ميلي ۽ درگاهه جي رياضت ۽ خدمت ته پاڻ ڪندو هو. پر ائين چئي هو پنهنجي والد جي عظمت جو سدائين قائل رهندو هو. سندس خدمت مثالي هئي. ۽ سندس فقراءُ طبيعت ٻه ڏسڻ وٽان هوندي هئي. مون کي ته نه پاڻ وسريو آهي ۽ نه سندس قرب سندس دوستن ۾ حاجي فيض محمد هنگورجو، پيارو خان شر ۽ سيد گل شاهه سندس ويجها هوند اهئا ۽ اهي ٻه جيسين پاڻ حياتي هو سندس خدمت ۾ رهيا. اڄ انهن دوستن مان فقط پيارو خان اسان وٽ موجود آهي، پاڻ درگاهه تي سجاده نشين ٿيو ته سندس حياتي ۾ ٻه ميلا ٿي گذريا هئا پاڻ اهي ٻئي ميلا ائين ڪري ڏيکاريائين جيئن فقير ولي بخش سائين جي حياتي ۾ ٿيندا هئا. اسان کي ڪا ٻه ڪمي محسوس ڪا نه ٿي هئي اهي ساڳيا اصول اهي



Gul Hayat Institute

ساڳيون خدمتون ۽ اهي ڪاڏي پيتي ۽ رهائش جا اعليٰ انتظام هڪ پيري حيدرآباد مان آغا سليم غلام حسين شيخ مراد علي مرزا ۽ انور بلوچ ڳوٺ درگاهه تي مون سان گڏ هليا. تنهن زماني ۾ آغا سليم ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پروگرام مئنيجر هو. اسان اتي ڪافي دير ڪچهري ڪئي اها رات چوڏهين جي رات هئي. درگاهه تي پرواري ڍنڍ ۾ چنڊ جو عڪس ۽ روشني هڪ عجيب منظر پيش ڪري رهي هئي. انهيءَ رات اسان ڪافي دير انهيءَ منظر مان لطف اندوز ٿي رهيا هئاسين فقير صاحب جيسين اسان جاڳياسين پي اسان جي انتظام ۾ وينو جاڳندو رهيو. پاڻ بار بار ماڻهو موڪلي ماني جي پڇا ڪندو رهيو ته ڪيڏي مهل کائبي. ٿوري ٿوري دير کان پوءِ مهمانن جي خبرچار حال احوال به وٺندو رهيو. مون کي آغا صاحب ۽ دوستن چيو ته يار فقير صاحب ته عجيب ماڻهو آهي ايڏو مهمانن جو انتظار ۽ خيال رکڻ هن زماني ۾ ته مشڪل آهي.اڳي مهمان نوازي جون روايتون ٻڌندا هئاسين اڄ اکين سان ڏٺيون اٿئون. فقير صاحب پنهنجو قرب ۽ محبت دوستن ۾ ورهائيندو رهندو سندس اوچتي انتقال اسان سڀني کي اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. سندس دل جي اوچتي تڪليف اسان سڀني لاءِ باعث حيرت هئي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته پنهنجي عظيم والد جي جدائي جو درد اندرئي اندر ڪيس کائي رهيو هو. سندس فقير سائين سان پيار به هڪ مثالي پيار هو. اهڙا پٽ ورلي پيدا ٿيندا آهن. جيڪي پيءُ جي اڳيان ٻانهون ٻڌيو بيٺا هجن. ڪڏهن جيءَ کان سواءِ ٻي ٻولي نه ٻولين اهڙي ريت انهيءَ غم ڪيس دل جو درد ڏئي ڇڏيو. ۽ اوچتي دل جي دوري سبب پاڻ اسان کان موڪلائي روانو ٿي ويو. هاڻي فقط سندس قرب پيار ۽ محبت جون يادون اسان وٽ رهجي ويون آهن. اسين درگاهه تي جڏهن به هجون ٿا ته فقير ولي محمد جي خوشبوءِ اسان کي محسوس ٿيندي آهي. ۽ اها خوشبوءِ جيسين هتي دم باقي آهي محسوس ٿيندي رهندي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي روايتن سان گڏ هميشه زنده رهندو. اسين هر سال سندس وفات تي سندس ڏهاڙو ملهائيندا آهيون انهيءَ موقعي تي هڪ ننڍڙو ميلي سمان منظر



Gul Hayat Institute

هوندو آهي. سندس قربدار ۽ معتقد سندس وفات جي ڏينهن تي درگاهہ تي اچي گلن جون چادرون چاڙهيندا آهن راڳ رنگ ٿيندو آهي. فقير فقراءَ سڄي رات راڳ جي رهاڻ رچائي کيس خراج عقيدت پيش ڪندا آهن. الله پاڪ کيس جنت ۾ جايون ڏي فقيرن تي هي ميلا سدائين قائم رهن.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

سجاده نشين درگاهہ منتار فقير
قير ولي محمد (مرحوم) 1984ع ۾ "ڪلام فقير ولي بخش" جي ڇپائي
جي تياري جي سلسلي ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏ
ابي کان - پيارو خان شر، سيد گل شاهہ، حاجي فيض محمد هنگورجو
يڪتاري سان) فقير ولي محمد (مرحوم) فقير محمد بخش "ضامن"،
جان محمد راڄڙ، فقير لطف علي (اڳيان)

# مون سي ڏٺا ماءُ

فقير ولي بخش مرحوم سان منهنجي پهرين سڃاڻپ 1951ع ۾ ٿي، اسان جو چاچو مرحوم حج بيت الله جي سعادت حاصل ڪري آيو فقير صاحب ان کي مبارڪ ڏيڻ آيا اهي ڏينهن اڄ ڏينهن تائين وڃڻ وارا هليا ويا پر دل ۽ ذهن تي کي نقش ڇڏي ويا آهن جيڪي نه مٽجڻ جهڙا آهن.

فقير صاحب جا واسطيدار سيئي چوندا هئا ته فقير صاحب اسان کي گهڻو پائيندو هو پر آئون والله يقين سان چوان ٿو ته مون تي گهڻو مهربان هو.

شادي هجي غمي سفر هجي حضر هجي خادم کي هر حال ۾ ياد ڪندا هئا فقير صاحب وٽ هڪ سڃاڻپ هئي زمان ساز سان زمان شناس وقت شناس هئا.

حالتن جي شناسائي سندن سڀ کان وڏي اها ڳالهه هئي جو دوستن ۾ امير غريب ۾ تفريق ڪا نه هئي.

اهي ئي سندن قرب هئا جو انهي قرب جي ڪڙي اهڙا پيرن ۾ پيندا وڌا جو تقريبن ٻارهن تيرهن سالن جي ڄمار کان وٺي اسان جي خادميت هلندي اچي.

فقير ولي بخش مرحوم هڪ اعلي پايه جو ڏاهو سٺو اديب شاعر سٺو آبادگار ڀاڳ وارو ڀاڳيو ڀلوڙ آرڪيٽيڪ ۽ مڪمل امير فقير هو.

فقير صاحب جي رهڻي ڪهڻي اٿڻ ويهڻ ۾ پنهنجي انفراديت هئي جنهن جا شاهد سندن نهرايل مال جا واڙا پنهنجون ٻارا ۽ درگاهه تي ڪرايل تعميرات عيان آهي.

فقير صاحب جن سخي سان گڏ قانع به هئا ان سان گڏ فقير صاحب جن علم موسيقي جا ماهر هئا جو جهڙو تهڙو گويو فنڪار



Gul Hayat Institute

سندن آڏو مفيد ثي ڳائيندو هو. مونکي ياد آهي استاد منظور علي خان هڪ دفعو ڀري محفل ۾ فقير صاحب سان مخاطب ٿي چيائين ته سائين جي اوهين ڳايو ها ته اسين سڀ بک مرون ها. سندن تربيت سان مشهور سٺا فنڪار ٿي گذريا آهن انهن مان جهڙوڪ محمد علي شيخ مرحوم، قادر بخش کهيري مرحوم، ول فقير مرحوم، فقير امير بخش مرحوم، تارا چند ڀيل حال حيات آهي سندن هڪ هڪ خاصيت لکجي ته ڪتاب ڀرجي وڃن، جيئن ته مون تقريبن 40 سال ڪن سندس صحبت ۽ خدمت ۾ گذاريا آهن جيڪي ڪجهه آهيان سندن صحبت مان پرايو اٿم عمومن چيو ويندو هو ته فقير صاحب سخت مزاج هئا، پر آئون وثوق سان چوان ٿو ته فقير صاحب ماڪي ڪان مٺو حليم برد بار طبيعت جا مالڪ هئا سندن سخت مزاجي صرف ڪوڙي خوشامند منافق لاءِ هئي جو جو وٽن سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ هئي.

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي،
رهي اڃجي راتڙي تن جنگن سندي جاءِ،
تني جي ساڃاهه ترهو ٿيئي تار ۾.

خادم الفقراءِ
پيارو خان شر
وڪيل

Gul Hayat Institute

# تنهنجون ڳالهيون سڄڻ

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

ڊسمبر 1993ع جي هڪ سيءُ وسائيندڙ رات جو فقير محمد بخش جي دعوت حاجي غلام محمد ولد (مرحوم ) حاجي محمد اسماعيل راڄڙ وٽ هئي. ان دعوت ۾ سڄي سنگت سان گڏ آئون به شريڪ هئس. فنڪارن فقيرن جا به ٽي گروپ هئا. اسان جي يار جمن دربدر جون ڳايل به ڪافيون سڄي محفل تي عجيب جادو ڇڏي ويون. هڪ ڪافي سرائيڪي شاعر منظور جي

لڳي واليانون نيند نهين آوندي
ني تيري ڪيوين ني اک لڳ ڳئي

ٻي مننار فقير سائين جي:

پکِ چوڙي پند پيا
مون وينئي وٽجارا

رات جو ٻه اڍائي بجي فقير صاحب ۽ سڄي سنگت کان موڪلائي گهر پهتس رات جي انهن وچين پهرن ۾ بابا سائين جاڳيو پئي حال احوال پڇيائين ٻڌايم ته بابا، فقير محمد بخش آيل آهي ساڻس ڪچهري تي هئس چيائين ته اسان جون فقير جي وڏن سان ڪچهريون هيون. فقير ولي بخش ۽ مون درگاهه مننار فقير تي هڪ نجي ڪچهري ۾ سازن تي ڳايو به هو. فقير صاحب جي وڏن سان به وڏن جا قرب رهيا آهن. مننار فقير جو به پنهنجي راڄ جي ڪيترن ئي ماڻهن وٽ خصوصي اچڻ ٿيندو هو جن ۾ عالماڻي، پلي، قاضي نور محمد پلي، حافظ درمحمد پلي، الحاج ميان محمد اسماعيل پلي ۽ جتو پلي ته سندس خاص صحبتي هئا. زماني ۾ ڪيئي تبديليون اچڻ ٿيون پر مننار فقير جي گهر سان تعلق سيني هوائن کان محفوظ رهيو. فقير ولي بخش

سان اسان جو تعلق تمام ويجهو ۽ دوستانه رهيو آهي. اسان پنهنجي جوڙ سان توڙ نباهيو هاڻي توهين نوجوان به ساڳيو گس ونجو. بابا جي زندگي جي اها جاڳڻ واري آخري رات هئي. منهنجي ساڻس آخري ڪچهري ۽ مون لاءِ بابا جي آخري نصيحت ۽ تاڪيد واري رات صبح جو فجر ويل ڪين بيهوشي جو دورو پيو ۽ ڇهن ڏينهن جي بيهوشي بعد پنهنجي مالڪ حقيقي سان ملاقاتي ٿيا. مون حتہ الامڪان سندن انهيءَ آخري نصيحت سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

فقير ولي بخش (مرحوم) جي آستان تي ويندي مون کي ٻين ڪيترن ساٿين سان گڏ به وڏا قرب جا پندار شخص مليا. خبر نه آهي ڇو قسمت انهن سان ٿورا سال گڏ رهائي وري هميشه لاءِ اسان کان لڪائي ڇڏيو. حاجي فيض محمد هنگورجو مرحوم ۽ سائين گل شاهه. مون کي خبر ڪو نه ٿي پوي ته ڪنهن جو نالو اڳ لکان ۽ ڪنهن جو پوءِ. بندہ سان هنن ٻنهي سهڻن شخصن جو ايترو قرب هو جو اظهار ڪري نه سگهبو. مننار فقير جي ساليانہ ميلي جي موقعي تي ٻنهي قربدارن سان ياڪر پائي ملڻ جي ڪشش پاڻ وٽ هميشہ لاءِ محفوظ رهجي ويئي. حاجي فيض محمد ۽ گل شاهه، فقير صاحب جي ڪلام، ڪچهري ۽ شخصيت متعلق گهڻو ڪجهه سيکاري ويا. سندن ياد هميشہ دعائن جو سبب بڻجندي رهندي.

فقير ولي بخش مرحوم جو ذڪر اچي ٿو ته سندس شخصيت جا ڪيئي حوالا اچن ٿا. فقير صاحب فقيري ۾ امير هو. وڏو متوڪل هو. خود دار هو. ۽ پنهنجي خوءِ ۾ مگن هو. قانع به هو ته سخي به هو. ڪيس سندس ڏاڏي مننار فقير مرحوم جي تربيت نصيب ٿي هئي. جنهن ڪيس نج ۽ نبار فقير ٺاهي ڇڏيو. موسيقي جي حوالي سان وٽس سنڌ جا ڪيترائي فنڪار ڳائي تربيت وٺي ۽ فن سکي نروار ٿيا. موسيقي جي محفل جا فقير صاحب جا مروج ڪيل قانون ۽ قاعدا نہ سچي سنڌ لاءِ باقاعده وڏو حوالو آهن.

فقير صاحب جا تعلقات هالا جي مخدوم صاحبن سان نه مريد ۽ مرشد، خادم مخدوم، منگتي ۽ ڏاتار وارا هئا. تاهم به قبلہ مخدوم

محمد زمان طالب المولىٰ ۽ سندن اولاد وٽ فقير صاحب جي وڏي عزت ۽ اعليٰ مرتبو رهيو آهي. سروري جماعت جي " ڏهر " جي سلسلي ۾ ته " طالب المولىٰ سائين جن فقير ولي بخش صاحب ڏانهن سڄي سروري جماعت کي حضوصن راغب ڪرايو.

فقير ولي بخش جا تعلقات ناري پٽ جي " عطائي پلي" جي خاندان سان به دوستانه رهيا آهن. فقير ولي بخش جي عزت ۽ احترام خانصاحب عطا محمد پلي ۽ ميان محمد اسماعيل پلي خاص طرح ڪندا هئا. فقير ولي بخش سائين هڪ ڪچهري ۾ فقير محمد بخش کي ٻڌايو ته مننار فقير جي زماني ۾ عطائي خاندان سان واسطو رهيو آهي پر خانصاحب عطا محمد هن واسطي کي نئين سر ٻنڌيو ۽ نباهيو آهي. خانصاحب عطا محمد کان پوءِ خانصاحب عبدالرحمان مرحوم هن تعلق کي وڌيڪ ويجهو ڪيو. جو ڪيترو وقت فقير ولي بخش کي پاڻ وٽ رهائيندا هئا. 1962ع کان پوءِ وري خانصاحب عبدالڪريم " ڪريم " پلي هنن تعلقاتن کي چار چند لڳائي ڇڏيا. فقير ولي بخش سان پرمغز علمي ۽ موسيقي جون ڪچهريون مننار فقير جي ڏهاڙي تي هر سال باقاعده وڃڻ، ميلي ۾ هلندڙ ننگر جي تياري ۾ ڀرپور حصو وٺڻ ميلي کان پوءِ به ٽي ڏينهن مڪان تي رهڻ راڳ رنگ جي رهاڻ ۾ فقراءَ کي تمام گهڻو پئسو ڏيڻ ته جيئن ميلي جي محفل ڄمندي رهي.

فقير ولي بخش جو خانصاحب جي ڳوٺ کان سواءِ ڪريم صاحب جي "ٻوڪلي " واري اسٽيٽ تي گهڻو وڃڻ ۽ رهڻ ٿيو. جتي فقير صاحب جو ڪجهه مريد ڀيل قوم جا ماڻهو به رهندا هئا. ڪريم صاحب فقير ولي بخش جو احترام پنهنجي ڪنهن وڏي بزرگ وانگيان ڪندا هئا. ڪيترا دفعا ڪافين جون محفلون ۽ نشستون ٿينديون هيون ۽ ڪيتريون ئي ڪافيون فقير ولي بخش، ڪريم صاحب جليل سروري ۽ معمور يوسفاڻي گڏ ويهي هڪڙي نشست ۾ پڻ لکيون. ڪيترن ئي دنيوي مسئلن ۾ پڻ ڪريم صاحب فقير جو ساٿي ۽ ساٿي رهيو.

فقير ولي بخش جا تعلقات مرحوم جتو پلي جي پوٽرن سان به سٺا رهيا. جتو پلي ، مننار فقير جي دوستن مان هو. جتو مرحوم

کافیون

Gul Hayat Institute

ٿل : الله الله سبحان آهي - هادي حق هڪڙو سو جلشان آهي

١: آهي سڀ خلق جو سو خالق خدا - جوڙيو جنهن جلشان جهان آهي

٢ چوڏن تا عالم ارڙهن هزار - سڀني جو مالڪ منان آهي

٣: وڏي ويل سڀ ڪنهن رسائي رزق - اهڙو رب رازق رحمان آهي

٤: خلقي خلق تي مڪو جنهن رسول - سو محشر جو محمد زمان آهي

٥: سڀني نبين سندو تيو نبي - لٿو شان جنهن جي ۾ فرقان آهي

٦: مٿي مان ۽ شان سڀ ڪان وڏو - جبرائيل خادم دربان آهي

٧: معراج مدني ڪيو مجتبيٰ - مڙن ڪان مٿاهون مليل مان آهي

٨: آهي نور حق جو سو نرمل نبي - نڪو ڦير تنهن ۾ ڪو گمان آهي

٩: مٿي آل ان جي ۽ مٿي مصطفيٰ - پڙهو سڀ صلواة فرمان آهي

١٠: اسلام اعليٰ احمد سندو - مڃي جو نہ محمد سو بيئمان آهي

١١: ڪري پير وي جو پرين سندي - اهو مرد مومن مسلمان آهي

١٢: انا احمد بلا ميمي - اتي صاف صاحب سو سلطان آهي

١٣: گنهگار غافل جي تون عيبدار - تنهنجي درد جو پيو نہ درمان آهي

١٤: ولي بخش وحدت ناتون وسار - رکي من محبت سو مردان آهي

Gul Hayat Institute

تل : حبيبي كبريا هادي حبيب الله تي آيو
انا احمد بلا ميمي رسول الله تي آيو

١ : كيو معراج جيئن مدني - كيو تيئن كين كنهن هوندو
ملي معشوق عاشق سان - واصل بلاالله تي آيو

٢ : جيكي اوتڙ ويا ابتا - جڏي جي دين دلبر جو
تني لئه رهنما رهبر - كلام الله تي آيو

٣ : مدد مولي علي جي سان - فتح ٿيو كوٽ خيبر جو
محمد جي مدد جي لاءِ - علي الله تي آيو

٤ : لحمق لحمي جسمي - روحق روحي دمكدمي
غريبن ۽ يتيمن لاءِ - كرم الله تي آيو

٥ : انبي علي كيو قائم - نبي جي دين كي برحق
كرڻ صدقو پنهنجا پيارا - في سبيل الله تي آيو

٦ : ڏڏن كي ڏان ڏيڻ ڏوڙا - فقيري فيض جا فائق
كرڻ لائق لطف سيئي - لطف الله تي آيو

٧ : ولي بخش وسيلو آهي - وارث بي وسيلن جو
مرسل مير محشر ۾ - شفي الله تي آيو

Gul Hayat Institute

ٿل : مدد منهنجي ڪريو مدني - محمد مصطفيٰ مربي

١ : ٽيس پيدا چوڏهين سن ۾ - گٿل آهيان گناهن ۾
رکو پنهنجي سائين امن ۾ - ڪريو جاري ذڪر قلبي

٢ : ڪريو مرسل مهرباني - ڏيو ديدار دلجاني
پسايو پاڪ پيشاني - نوازيو نگاهہ سان نبي

٣ : ازل کان آهيان اداسي - پسڻ لئہ پرين پياسي
وصل جي لاءِ واتان واسي - توهان جي توهہ جو طلبي

٤ : ولي بخش کي بخشيو برڪت - ڪريو اَجو ڪنان ذلت
محبت جي ڏيو ملت - اجها عاصين سندا عربي

Gul Hayat Institute

ٹل: علي يا علي بوءَ تراب - تون دلدل جو هسوار عالي جناب

١: لحمک لحمي جسمک جسمي - روحک روحي دمک دمي
اهو شان تنهنجو مليو ٿو خطاب

٢: تون ئي شاهه شاهن سندو شاهه تون - سواءِ تنهنجي سائين نه بي واهه مون
آئون ويرين وڪوڙيو - سگهو رس شتاب

٣: هتي ۽ هُتي تون ساقي صدر - حسنين هادي جو بابو پدر
فتح هٿ تنهنجي تون هي ڪامياب

٤: توڙي ڪي حاتم دارا سڪندر - تنهنجي پئيزار ناسي برابر
سخاشاهه تنهنجي آهي آفتاب

٥: اها در اوهان جي ڪريان التجا - مون ڪي ميل مُرسل يا مشڪل ڪُشيا
۽ شوق تنهنجي جو پيارين شراب

٦: منگا مهر تنهنجي ٿو محبت مدام - اهو دانُ ڏُهرو ڏيو مون انعام
پياري ڪريو پر حيات آب

٧: آهي سگ اوهان جي سائين در سندو - ولي بخش در جو بردو بندو
ڪريو ڏوهه تنهنجا سڀئي ثواب

Gul Hayat Institute

ٿل : علي شاهہ مردان شير خدا تون - هوئج گڏ هميشہ تيج نا جدا تون

١ : تون هين حق حيدر - علي شاهہ صفدر ڪنبائي قلعو تون
ڪٽيو ڪوٽ خيبر - مٿان مير محمد فائق فدا تون

٢ : ڏي تندرستي توحيد توڪل - ڪر معاف مون تان مڙيئي مير مشڪل
آهين شاه شاهن ناهين ڳدا تون

٣ : ڏيو حب حسنين جي مون کي هردم - دنيا دين جا سڀ پورا ڪريو ڪم
مون کي ميل مرسل نورالهدا تون

٤ : آهين وير وارث ولايت جو والي اسين آهيون تنهنجا آلي موالي
ڪرين پير پوري من جي مدا تون

٥ : ولي بحس آهي تنهنجي در سوالي - وريو ڪو نہ توڪان ڪڏهن ڪو بہ خالي
سخي شاهہ آهين سدا سڻ سدا تون .

تل : رک هردم حب حسنين سندي - تنهن وارث واليءَ ڪونين سندي

١: جنهن جو بابو علي ۽ نانو نبي - تنهنجي وصف ٻي ڪهڙي ڪبي
جنهن رضا سپ مچي ربي - ڏس ٻي حيائي شمر العين سندي

٢: جي پائين راضي الله تئي - منو مير محمد شاهه تئي
عين آل علي فقراهه تئي - ته وٺ دامن دوست دارين سندي

٣: چئو يا حسين ۽ چئو يا علي - سپ نبي چون تا غوث ولي
ته حُب حسين جي آهي ڀلي - تنهن سيد صاف سقلعين سندي

: ولي بخش ڪيم وسارج تون - پيو هردم غم ۾ گذارج تون
سردار سيد ڪي سارج تون - رک طلب تنهن طرفين سندي

Gul Hayat Institute

تـل : نرمل نوح فـقـيـر - سڻ منهنجا سـرور سـڏڙا

١: لاهہ قـريشي مون تان قـرض کي - مرشد ميٺي جڏ مرض کي
اويسي اڪسـيـر - هيـٺـا تي پيـا آهن هـڏڙا

٢: راهنما اوهين آهيو رهبر - فيض فياض جا ساقي سرور
مـرشـد مـاهہ منيـر - جام پيـاريو آهيـون جڏڙا

٣: لاهي درد کي دور جفا کر - سڏ سان گڏ تي شاهہ شفا کر
ڪامل قطب - ڪبـيـر - تون ڏاتار اسين آهيـون ڏڏڙا

٤: آيو آهي وقت اخيـري - دلبـر دل کي ڏيو دل ڏيري
پرين پارس پيـر - گـوندر غم وڌي ڻـيـا وڏڙا

٥: ڪريو رهبـر رهنمـائي - پيـر پنان ٿـو آن کـان پناهي
ولي بخش جا وير قـائم ڪريو ائين توڪل تڏڙا

Gul Hayat Institute

ٽل: سخي شاهه سرور ڪريو نيڪ نظر - ذاتي ذڪر جو ڏيو دان دلبر

١: سٽو منهنجا سڏڙا - ننگي نوح نرمل
لڳس لڙ تنهنجي قريشي اي ڪامل - آهيو پير پارس محبوب منور

٢: ڏيو فيض مون کي فائق فقيري - ٿئي سانگ سو تڙ وڃي دل گيري
حقيقت ۾ هر دم - هجي حال هرهر

٣: نوازي گهڻا توڪيا وير واصل - ڪريو معاف منهنجا مڙيئي مير مشڪل
ٿين مات مدعي - موذي جي منڪر

٤: مٺا مير مرشد هدايت جا هادي - اچن در تنهنجي ڪئين فريادي
ڏئين ڏان ڏوڙا - ڏڏن کي تون ڏاتر

٥: ڏجان ياد مون کي تون ڪلمون قبر ۾ - ڪج ڪا حمايت مهندان محشر ۾
گهران گهوٽ توکان - پناهه جي پاڪر

٦: ولي بخش جو تون هي وارث وسيلو - سواءِ تنهنجي سائين هلي ڪو نه هيلو
پلا پر جهلا ٿي اچي وير واهر

ٽل : پارس پکن ڏٺي پير - سائين سُڻ منهنجا سدائين

١ : رهي راهوند ۾ قرب کمائڻ - ترک کري تدبير سائين

٢ : قرض مرض کان رکجان امن ۾ - اويسي اکسير سائين

٣ : سئو صغيرا مون کان ٿيئڙا - ڪئين ڏوهه کبير سائين

٤ : ڏي هدايت هادي هردم - مرشد ماهه منير سائين

٥ : مدعي منکر منهنجا جيکي - ٿڙي کجان سي تغير سائين

٦ : دم قدم ۾ هوئج حامي - سوکي لنگهائج سير سائين

٧ : مرڻ مهل منهنجي ساهه کي - سرور ڏجان سڌير سائين

Gul Hayat Institute

٨ : ڏجان ياد کلمون قبر ۾ - امنا مرشد مير سائين

٩ : صدقي پنجن پارهن جي مون کي - ڏيو فيض فقير سائين

١٠ : ولي بخش کي فيض فقيري - داتا ڏيو دل ڌير سائين

ٿل: هوش ڪري تون ٿيءُ هوشيار - ساڳيو آهي سر صبحاني

١: اول آخر آهه اهوئي - ظاهر باطن ساڳيو سوئي جاني جلويدار

٢: لاهه گمان تون ڇڏ گمراهي - آهي افضل نور الاهي ڪل سندو ڪلتار

٣ رهي راهوند ۾ رمز رلائي - پڪا پرت جا اعلي اڏائي امين ٿيو اظهار

٤ قبض فقر لئه غازي ٿيو گل - ترِ نه تفاوت ساڳيو تل مل محب مٺو منٺار

٥ آهي مولي جوائي طالب - سڀ ڪنهن غير تي ٿي آيو غالب سرور شاهه سردار

٦ آل انسان سري سِر سا ـو - وحدت جو ٿي آيو وڻجارو نور ڪرڻ نروار

٧. انا احمد بِلا ميمي - اصل آهي قول ڪريمي هادي هڪو هروار

٨ بوڙ ٻيائي رک هيڪڙائي - صورت ساڳي آهي اهائي ولي بخش ڪر ويچار

Gul Hayat Institute

ٿل : آيو طالب سندو مولي - جنهنجو طالب چوايان مان
ملايو سو مون کي مولي تنهنجو- عاشق آهيان مان

١ : آهي سو خود محمد امين - قريشي ڪُل سندو ڪرمي
انا احمد بلاميمي - ٻولي هيءَ تو ٻڌايان مان

٢ : آهي ساڳيون سو گل گوهر - جواني جو پانيان جوهر
نوحاڻين نينهن نشابر - لڳل لنئو ڪيئن لڪائيان مان

٣ : آيو محمد زمان سو پير - طالب المولي مرد منير
عشق اويسي اڪسير - تنهن سان ناتو نڀائيان مان

٤ : پلي آيو سهڻو سرور - جنهن سان پرتل خدا پرور
مون لاءِ منٺار آهه منور - جنهن جو سڳ تو سڏائيان مان

٥ : اچڻ امداد ٿيو جنهن جو - پناهي پاند ٿيو تنهنجو
اڱڻ آباد ٿيو منهنجو - صفت تنهنجي سڻائيان مان

٦ : آيو ولهن سندو والي - پيارئين پرت جي پيالي
سوالي نا ڇڏي خالي - تنهن کي آزيون الائيان مان

٧ : ڏنائين تحليل ۽ توحيد - ڏيئي درشن دکائي ديد
اسان لاءِ ٿي اهائي عيد - تنهنجا هوڪا هلائيان مان

٨ : آهي فقير فياضي - رهي شل سو سدا راضي
پهرائي تو کيئن پازي - تنهن سان پيچ پائيان.

٩: پيرل آ پيرجت پايو - رکي رحمت سندو رايو
سين تيو کاڄ سڄايو - تنهن جا ڳڻ ڳائيان مان

١٠: اندر منهنجي جو اداسون اڄي پنيون اهي آسون
جيکي مون باسيون باسون - ولين تي ورهائيان مان

١١: ڇوي طالب آهيان - طالب آئون طالب سندو طالب
جو آهي سڀ غير تي غالب تنهن سان محبت ملائيان مان

١٢: آيو ولي بخش جو وارس - پرت پالوت سان پارس
لاتائين قلب مٿان سڀ ڪس - پلي جا پال پائيان مان

Gul Hayat Institute

ٿل : محب مٺا منٺار ائين نہ مناسب توکي جڳائي

١: اچي اچي نہ وچ تان ورجي ڏيانڙو ڪو دل ۾ ڌرجي
هوت هيئين جا هار

٢: ڏڏ ڏوهاري ڏيرا آهيون توهان آس اميد نہ لاهيون
اکرين جا اڇار

٣: قدم قرب جا پرين ڪي پايو دل جا حال محرم آهيو
محمد جا مهندار

٤: واڳ وصل جي وارث واليو اهيا عشق جا پُر پياريو
ساقي سندم سردار

٥: تنهنجا آهيون آلي موالي حاڪم هادي جڏهن خالي
اڙين جا آڌار

٦: خاميون خطائون منهنجيون مڙيئي ڍڪج پاند پنهنجو ڏيئي
يوليا ڍڪڻهار

٧: سوا زاري ڪو زرو نہ هلي تو جيءُ جدائي ۾ جاني جلي تو
پيرل ساءِ پڳدار

٨: هادي منهنجو آهين حاڪم برهہ تنهنجو آهي بالم
توحيدي تاجدار

٩: سدا تنهنجو سات سلامت اعلي تنهنجو عشق امامت
بنهي جڳن جنسار

Gul Hayat Institute

۱۰: پنجئي پارهين هوندئي هامي چارئي چوڏهين محب مدامي
ننگ پريا ننگدار

۱۱: چئي چئي پلا ڇا ٻڌايون جهڙا تهڙا تنهنجا آهيون
سهڻن جا سالار

۱۲-واحد لڳ سائين واڳ ورايو-پازيءَ پنهنجي کي پهرايو،
وحدت جا وينجهار

۱۳- سپ جڏين پر تون نہ ڇڏجان - گل گداگر پاڻ سان گڏجان،
مون ڏي سپ ميار

۱۴: تون مولي جو آهين طالب آئون آهيان تنهنجو طالب
قامل ڪلادار

۱۵: تنهنجا آهيون ٻي جا ناهيون تولاءِ وينا يار واجهايون
پر ڪرين پينئار

۱۶: ولي بخش جا والي وارث پيري مغان پريمي پارس
دل وٺيا دلدار

Gul Hayat Institute

ٿل : اڄ پرين پاتا پرت جا پير - اهي پير چمان پيئزار چمان

١: آيا پرين جتان پير پري - جن سيرن تاڻ سپ سير ڪري
سر ساهه صدق تن سيرن تان - اهي سير چمان سئو وار چمان

٢: اڇي مون سان ملي منٺار ٿيا - هر جاءِ حسن هبڪار ٿيا
هئي حب جي هنئين ۾ هير گهٽي - اها هير چمان هبڪار چمان

٣: ويهي وحدت جا واپار ڪيائون - واهواهه پلي پٽڪار ڪيائون
اهي مون تي پلائي جا پير ٿيا - اهي پير چمان پٽڪار چمان

٤: ولي بخش وصال جا واءُ وريا - اڇي محب مليا جي دل گهريا
اها وير پلي جنهن وار آيا - اها وير چمان اهي وار چمان

Gul Hayat Institute

ٽل : حاڪم سائين هلي آهاڻ
هئي هئي حال ڏسو هڪ واري

١ : اٿئي اسم الله جو نالو
وصل وصال جو پيار پيالو
ساقي سرڪي اهڙي آٿي
لاهي بندن جي سڀ بيماري

٢ : ڏئي ڳرهاتي رکي ويون ياري
پوءِ ڪيئي وري ڪا نہ پوئواري
هيڪر وري اچي مٺڙا ماڻ
لاهي نقاب ڪاڏي ڏيکاري

٣ : دردن دل ۾ ڪيو آهي ديرو
پلا پلائي جو ڪرڪو پيرو
تہ وري ٿئي ڪا روح رهاڻ
سو وار صدق ٿيان بلهاري

٤ : تون وسيلو تون آهين واهر
هتي هتي آهيان آنجهي آهر
ٻي نہ ڪنهن جي آهي ڪاڻ
تنهنجي قرب جي آهيان ڪاڻياري

٥ : طالب تون مطلوب بہ توهين
سالڪ تون مجذوب بہ توهين
تنهنجو سوڳنڌ ۽ سرهاڻ
راهہ واهہ آهي برهہ بهاري

٦ : دردن دلڙي آهي مروتي
تنهنجي آهيان ڪري جي ڪوتي
ولي بخش چئي ڪرڪا وراڻ
تہ هردم حال ٿئي هوشياري

Gul Hayat Institute

ٽل: پڇ ساقي ڪان تون مئي جو مُل - جي سرتي ڏي تہ اٿئي پوءِ ٻُل

١: تنهنجو ساقي سرور شاهہ آهي - جنهنجو نظر نيڪ نگاهہ آهي
اهو آل انساني آگاهہ آهي - اهو حاڪم هادي گوهر گل

٢: توکي ساقي سرڪ پياريندو - ڪٽي نازڪ نيڻ نهاريندو
مئي دلڙي يار جياريندو - ٿيندو ونحن وارو واهہ وصل

٣: سر تہ سُرڪ تان گهور ڪجي - ہي ڪهڙي اتي تڪ تور ڪجي
جَتي وصل وصال سان اور ڪجي - لاهي خطرو ہيو سڀ خوف خلل

٦: وٺ ولي بخش وار اٿئي - اها جيت اٿئي نہ هار اٿئي
هي مهل موچاري يار اٿئي - ايندو اوڏو توکي ڪين اجل

Gul Hayat Institute

ٿل: ناهي طلب تن ۾ تار ٻي - ڪنهن مايا ملڪيت مال سان

١ : سائين منٺو منٺار تون - آهين دل وڻيو دلدار تون
منهنجو قلب ڪر قرار تون - قرب ۽ ڪمال سان

٢ : نوح فقير تون ڪر نظر - تو پنج تن پنا آن ڪان پاڪر
ڏيو حال حقيقت هر هر - آهي خاصيت اها خيال سان

٣ : نفس ۽ شيطان ڪان - مون کي پرين ڪريو پري
نيهن نغارو ڪريو نصيب - ڏو ڏو عشق ڏمال سان

٤ : آن سندو ولي بخش سوالي - تو پني پريم پيالي
تنهن کي ائين وارث والي - ڪاور ڇ ڏيو وصال سان

Gul Hayat Institute

ٿل: ڪڏهن اگڻ تي منهنجي ايندون ـ ڄاني جيءَ جيارا

١: سال ٿيا ڪئين ساڄن سڪندي ـ منهنجي ساهه سهارا

٢: اچي منهنجا درد دفع ڪر ـ ميٽ مرض مونجهارا

٣: دردن دلڙي ڪئي آهي ديواني ـ ڪاڻ پيئڻ ٿيا ڪارا

٤: حاڪم سائين هيڪر هلي اَءُ ـ مڃ منٿ موچارا

٥: ولي بخش چئي ور وسيلا ـ ورنهن ڪيا وسڪارا

Gul Hayat Institute

ٽل: محب مسافر يار - وارث ڪيچ ڪا ورڻ واري

١: سرهو سيئر تنهنجو سلطاني - مولا بخشئي جوڀن جواني
تنهنجو ڏيهه سڄو آ ڏاني - هوت هنئين جا هار
پرين پوين جي ڪيچ پوئواري

٢: نوح فقير جو هوند ئي نظر - توکي ڪو به خوف نه خطر
تون آهين ساقي تون ئي صدر - دل وٺيا دلدار
سائين لڳ ڪا ڪيچ ستاري

٣: علي حيدر هوندئي حامي - سيڪو تنهنجو ٿيندو سلامي
هرهند دائم قائم مدامي - امين عشق اُجار
برهه تنهنجي جي واهه بهاري.

٤: سوال اسان جا ساب جو پيندا - سڄڻ خير سلامت ايندا
ڏيهه مبارڪ سڀئي ڏيندا - محب ايندا منٺار
هادي آس پڄائيندو هماري

٥: ولي بخش جو ورندو والي - ايندو امين جناب عالي
مئي محبت جا آهيون موالي - پر ڪندو پينار
سرور شاهه ڪري سرداري

Gul Hayat Institute

ٿل: دوست مٺا دلدارا وي - مُحب ملو هاڻ هادي حاڪم

١: سڪندي سڪندي سال لنگهي ويا - سانوڻ سئو سيارا وي
مون گذاريا سي سڀ ماتم

٢: سواءِ تنهنجي ڪنهن ڪي سُٺايان - سور اندر جا سارا وي
اوهين آهيو حال جا محرم

٣: سڪ سورن ڪان وار نہ واندو پريتم يار پيارا وي
ويڙهي ويا وهلور وهم

٤: پرين پسايو پاڪ پيشاني - نيڻن نور نظارا وي
قرب وارا ڪي پائي قدم

٥: هر ڪنهن حال ۾ هوئج حامي - جانب جيءُ جيارا وي
لحظي لاهيو مون تان هي غم

٦: آهن عيب اميق اسان ۾ - تن نہ ڇيهہ شمارا وي
ڪيئن پانيان ٿو ڪروڙين پدم

٧: پرين توکي آهيون پرتل - سرور شاهہ سوپارا وي
ڪير ڪندو پيو ڪوجهن جا ڪم

٨: ولي بخش جا ڪريو قائم - چون جي چوويهہ هزارا وي
تنهنجي ديدار ۾ دائم سي دم



Gul Hayat Institute

ٿل: ساقيا مئي جام پياريو - وٽي وحدت جي ڀَري ڀَري

۱: منڍ محبت جو پيار پيالو - نطر نينهن جو ڏَري ڏَري

۲: هٺ تڪبر هئڻ هستي - ساڻ پيڻ ٿين ڀَري ڀَري

۳: حق هيڪڙائي هردم حاصل - ٻن ٻيائي ٻَري ٻَري

٤: دم دم ۾ ديدار الاهي - منجهم ظاهر باطن ذري ذري

٥: دور دنيا جي ڪُن ۾ قابو - آيو آهيان منجهم آري آري

٦: زهد عبادت ڪين ڪيو ڪجهم - توهم توهان جي تري تري

۷: سُرڪ سڪ جي ڏي سوائي - سُرڪ رِي نٿي سَري سَري

۸: ولي بخش ڪي پر پيارج - قرب قريشي ڪري ڪري

Gul Hayat Institute

ٽل: صبح سان سوائي ڏيو سُرڪ ساقي - پريمي پيالي جا اَهيون پياڪي

١: اصل ڪم اوهان جا پياسا پيارڻ - منجهان مهر محبت نوازي نهارڻ
پرين پڪ پياريو ڪا محب ميساقي

٢: ڏيئي تانگهه تڙ ويا اُجيا اُڃ مرن تا - اجا تڙ تنهنجي اچيو پر پين تا
هٿان تو پي ٿيا محب سان مُلاقي

٣: جني ڪي پيارئي وڃي ٿياسي واصل - مليا ساڻ مولي اڪري َحال حاصل
طمع ڪي ڏيئي وياسي تهدل طلاقي

٤: ڏي مت اُچي مان ڪو ساغر سوايو - ٿئي حال برحال لايو سجايو
ٿئي راز روشن ڪلي قلب طاقي

٥: وٽي جام وحدت پيري پري ڏي - قدح مد مئي جو عنايت ڪري ڏي
هجان توسان همدم بچي ڪين باقي

٦: جي ويل آئون وڃ ڪان ته تون هين وڙائتو - پياري ڪرين پر برهه ۾ بلائتو
هٿي هوڏ هستي هٿي سپ حلاقي

Gul Hayat Institute

٧: ولي بخش ڪي تون پرين پُر پيارج - منجهان آب ڪوثر ڪوڏاتر ڏيارج
اصل ڪان اوهان درجو آهي اوطاقي

ٿل : حاڪم هوت هئين جا هار - رس تون رهبر سڀ ساعت ۾

١: دردن دل آهي ويڙهي وڪوڙي - بنا اوهان جي آهي اجوڙي
منهنجا محب مٺا منٺار

٢: ڪون لڳي ٿو دوا ٻيو درمل - تون علاج منهنجو مڪمل
ماريس مرضن تو ڪان ڏار

٣: درد منهنجيجوتون آهين دارون - لهه ڪي ساجن سگهيون سنڀارون
تون آهين علاج سندو آزار

٤: لاهه غمگينن تان غازي تون غم - ڪر مريض سندو ڪو مرهم
دلبر ڏيو ڪا ٻوا ديدار

٥: ولي بخش جي ڪر تون واهر - هتي هُتي اوهان جي آهر
ساقي سرور شاهه سردار

Gul Hayat Institute

ٽل : قرب ۾ اوهان جي ڪيا ڪيا - يار پيارل وصل جا واعدا

١: ظاهر باطن محب ملو مون کي - لکي پايو نہ ليا ليا

٢: گوندر ۾ گذران اسان جو - مئا نڪي آهيون جيا جيا

٣: عقل مت هئڻ ۽ هستي - نينهن اوهان جي نيا نيا

٤: ڏڏ ڏوهاري ڏيرا ساڳيا - نڪي آهيون ڪي ٻيا ٻيا

٥: توسان ٻول ٻڌل آهيون تنهنجا - هاڻ ٽليون ڪيئن ٽيا ٽيا

٦: اگلا گندرا يار اوهان ڪئين - پُر پياري ڏيا ڏيا

٧: ٻنهي جهانن حاڪم سائين - اسين اوهان جا ٿيا ٿيا

٨: طالب موليٰ ڪي ڏي پارت - جنهن جي ٻناري آهيون پيا پيا

٩: ولي بخش جو ور تون وسيلو - ٻيا وسيلا ويا ويا

Gul Hayat Institute

ٿلھ: محب منا دل جاني وي - آءُ وري تون ويهہ نہ وساري

١: آئون اصل کان آهيان تنهنجي - ٻانهن جي سائين ٻانهي وي
تو سوا ٻيو ڪير سنڀاري

٢: هجر فراق جي هاڃي هاڪم - ڦٽي ڪئي دل فاني وي
وٺو ٽيل ڏکن آهي ڏاري

٣: تو سوا هت منهنجو منڙا - هئہ هئہ حال حيراني وي
اوکيءَ مان وچ پار اڪاري

٤: مرض مروتي ڪئي آهي موڳي - جو پن جند جواني وي
ساهہ سدا توکي ساجن ساري

٥: آئون اصلئون عيبن ڀريل - تنهنجو مٽ ناثاني وي
پيل آهيان تنهنجي پناري

٦: مون جهڙيون سوين سڪن ٽيون - پر ڏيهہ سڄو تنهنجو ڏاني وي
آئون بہ لڳل آهيان تنهنجي لاري

٧: ساغر سڪ جا ڏيئي سوايا - محب ڪيئي مستاني وي
پَٽ پرت جا پُر پياري

٨: پوئي ٻاٽيم پرين پارس تنهنجي ڳڻن جي ڳاني وي
واڳ وصال جي آ تون واري

٩: سوا تنهنجي سهڻا ساجن - زهر پايان زندگاني وي
ڪيل قول پرين اچ پاري

١٠: ولي بخش چئي ورهہ وکوڙي - دلڙي ڪئي ديواني وي
چڙهي آ تنهنجي نينهن نظاري



Gul Hayat Institute

ٿل: اکڙين جي اسرار ڪيا دانهه ديوانا، لاهي ڇڏيو تن سرجو سانگو

١: اَري اکين جي جيڪي ٻه اَيا، سورهه ٿيا سرشار پائي ڳل ڳانا
پاتو انهيءَ ڳل ڳلا جو ڳانگهو

٢: پيچ پنبڻين جا جن کي پيڙا، سي بانڪا ٿي بردار جابر جوانا
سر سوريءَ تي ڪن سهانگو

٣: جوت چشمن جي جن کي لڳڙي، سي ته هزارين هزار ٿيا پتنگ پروانا
اهي لنگهي ويا لاحد لانگهو

٤: سوا سرمي جي اَهن سهٽيون، سو گهاڪن سردار سوين سلطانا
سر ڪنيو تن درد جو دانگو

٥: هئا مطلوب پرٿي پيا طالب، نيڻن ڪيا نروار ياور يگانا
ميگانن جو مُلهه اَ مهانگو

٦: هند سنڌ ۾ اَهي هاڪ انهن جي، ڪابل توڙي قندار ڪيئون موهي مستانا
عشق عينن جو اَهي اڙانگو

٧: طالب جو تون ٿي پئو.. طالب ولي بخش ڇڏ ويچار ڇڏ ٻئي جهانا
تار تنهنجي لئه ٿيندو تانگهو

Gul Hayat Institute

ٿل:مون کي ماڻن ساڻ ماريو - مُرکي معشوقن مرکي معشوقن پاتا پيچ پرين

١: وار وسيهر وانگي ٿا - ور ڏيو ونگ وجهن

٢: ابرو يار عجيب جا - ٿا ڏوڙا . ڏنگ هڻن

٣: ديدون دلبر يار جون ڏسي - مات لڳي مرگهن

٤: ڪنديو نڪ نراڙ ۾ - ٻي چقمق منجهه چپن

٥: ساهه وٺي سوگهو ڪيو - گل گوهر جي گفتن

Gul Hayat Institute

٦: دل قرايو دوست ڪان - ڪئين ولي بخش وچن

ٿل : دل حُسن لٽي لٽيائين صبر شرم - نائي ناز نيڻن سان ڪيائين نرم

١: چو طرف حسن جي فوج چڙهي - لئون وارن سان ڪري لاڏ لڙي
جهلي ڪير تن جي تاب تڙي - ٿئي حال پائي ڪو حال محرم

٢: آيو زلف واسينگ مگت ڪري - ڏسيو ڪو پيو لڇي ڪو اڦت مري
مون ڪي قسمت آندو ترڪت ڪري - هاڻ پلا ڪجان ڪو پال پرم

٣: ابرو ڪج تلوار ڏسي - ويو مت عقل جو خانو کسي
لرزش آئي لگن پيو هينئڙو ڦسي - سپ هوش ٿي ويو درهم برهم

٤: واهه واهه اکين جي عجب اٽي - گهايو گهور سان ڪن پيمال پٽي
نڪ نسنگ دونالي حاڻي ڏٽي - ڪئين ڦٽ ڦٽيو پوءِ ڪن مرهم

٥: چلڻ عجائب چال ميان - من مهٽي منڙي مقال ميان
تنهنجي کهڙي ڪريان ويهي ڳالهه ميان بازي بخت ڪٽي ڪن جنهن تي ڪرم

٦: وجهي نڪ نوڙي ڏيئي نينهن نيئر - ڪئين ڦٽ ڦٽي ڪري خون جگر
رهيو ياد اتي نڪو زر ۽ گهر - ويو وسري ڪعبو بيت حرم

Gul Hayat Institute

٧: جڏهن دردن دل ۾ ديرو ڪيو - تڏهن شاهه حسن اچي گهيرو ڪيو
تنهن پيرن تي ڏاڍو پيرو ڪيو - ڪن تي سرد نظر ڪن تي سخت گرم

٨: اُتي دلدار ڏني دلداري اچي - مستان ماندو ٿئين تيءُ مڙس مچي
ولي بخش انهيءَ ڏس رنگ ۾ رچي - جتي ڪفر رهي نڪو دين ڌرم

ٿل : واهہ واهہ شاهہ حُسن جو سير آهي - جهلي تاب تنهنجو اهو ڪير آهي

١ : چڙهيو شاهہ وڏا جت شاهي ڏين - در شاهہ حُسن جي سپاهي ٿين
وڃي واهہ سيئي بي واهي ٿين - ير اهڙو ڪٿي نہ انڌير آهي

٢ : رخسار لبن جي لالي ڏسي - ڏند هيرا موتي مثالي ڏسي
نڪ نسنگ بندوق دونالي ڏسي - سينو سپر ڪري سو دلير آهي

٣ : آهن اکڙيون ڪجليون ڪاريون ٻيئي - تو هٿي ڪٿي منهن پاريون ٻيئي
ٻيا ابرو ڪج تلواريون ٻئي - اتي مٿو ڏئي سو مٿير آهي

٤ : هڪ چشمن جا چمڪار عجب - ٻيا زلف سياهہ سر وار عجب
ٿيو هلڻ چلڻ گفتار عجب - تنهن ۾ ڦند نڪو ٻيو ڦير آهي

٥ : ٿي مريض ويس آءُ لاءِ شفا - شفا ڪانہ ملي ٿي الٽ جفا
لڳا تير نظر جا سئو دفعا - سودي سر جو ڪيم ٻيو خير آهي

٦ : اتي عقل چيو اتي هل نہ هلون - هت ناحق پيا ميان مفت جلون
چيو عشق تلين تو کهڙيون تلون - توکي ٽيٽو هتي هاٿي ڍير آهي

٧ : ويو عشق عقل ڪان راند ڪٽي - سر ساهہ جو سانگو سيوئي سٽي
منهن مرڻ ڪان ڪڏهن ڪين مٽي - اهڙو عشق شهنشاهہ شير آهي

٨ : ولي بخش عشق جي وڏائي وڏي - گهايو گهورن سان ڪري جان جڏي
ڏني عشق عقل کي مٿي تي مڏي - تن جو ورهين ڪان وٺي وير آهي

ٿل : پهرين پيار ڏيئي يار دلڙي ڏتاري
ڏئي گهور گهائي نہ ماري جياري

١: عجيبن سان آهي حسن فوج فالم-رهي ڪانہ مون ڪي اها ڪا بہ معلم
چڙهي چوطرف پئي سا نينهن جي نياري 4

٢: زلف زور زابر جيئن نانگ ڪارا-ڏسڻ سان ڏنگن ٿا اهي مڻ وارا
ڏئي ور ورن ۾ پائن ڳٽ ڳاري

٣: ابرو ڪمان ڪج عجيبن جا اعلي-چشم چور ڪن ٿا سي نوري نرالا
پئڪان پنبڙيون آهن تير ڪاري

٤: نسنگ نڪ نروار جڻ ڪا دونالي-نہ ٿئي مٽ مرجان اهڙي لب لالي
تنهن لالي لڄايا لعلون اناري

٥: نہ سي مٽ موتي نہ هيرا برابر-مٿي باب شاهي سي ثابت سراسر
ڏين ڏند ٿا وڏ ڏيئي ڪان ڏيکاري

٦: ڪئين ڪن غب غب ۾ ٿيا غرق غازي-وسري ويئي تن قبل المازي
چائي زنخ ڪيا چريا چوڏاري

٧: دليون يار دلبر ڪلندي ڪٺي ٿو-هلي ٻانهن لوڏي تہ واهواہ وٺي ٿو
گفتار رفتار مٺڙي موچاري

٨: آهي بوءِ ڪهڙي مشق عنبر ۾-تنهن ڪان وڌ خوشبوءِ پرين جي پگهر ۾
ڪندي هوڏ تنهن سان ڇا ڪثوري تاتاري

٩: قريبن ڪيا جت پريمي پسارا-اتي ڪئين وڃائي ويا وير وارا
اڇي نيٺ ويئي ولي بخش واري

Gul Hayat Institute

ٽل: مـئـا مـحب جاني ياور يگانا، ڪرڻ ڪين واجب برهم بهـانا

١: ڏنئي پيار پهرين واهه واهه وٺي ويون، ڏيئي راز ريبي دلڙي ڪـٽي ويون

آهن شـوق تنهنجا شـاهي شـهـانا

٢: ائين ڪو نه پانيم ته وئيو دل وچي ٿو سوين سور صدما سهـڻا سچين ٿو

لڪين لوڪ جا ٻيا مـهـڻا ۽ طعنا

٣: سوا تنهنجي سهڻا نه پيٽي پوءَ ڪا تو ۾ اميدون نه توڪان سوا ڪا

تون ڪر ڪرم ڪو اي دلدار دانا

٤: ولي بخش آهي پرين توکي پرتل - تنهين ساڻ هوئج سجڻ يار سرتل

ڪندو ڪـبر منهنجا پـوم مـشـڪل آسـانـا

Gul Hayat Institute

ٿل: سڪندي ٿيا ڪئين سال اچو يار اوري،ڪيم ڪيو ائين جانب جدايون

١: اٿئي پهر آهي اندر ۾ ، تنهنجي محب مقال
مل ٽڪيءَ جي ٿوري ، هاٿي چڙهي ڏي ڏايا ڏايون

٢: .ڏکيا ڏايا ڏينهڙا گذاريان ، جانب منجهه جنجال
ٽڪيس ڏونگر ڏوري ، معاف ڪريو ائين مون کي مدايون

٣: توکي ساري ساجن سپرين ، ههڙا تيڙا حال
تڳان ڪيئن توريءَ پال ڪريو ڪي پلا پلايون

٤: ڪيئن اجهايان آگ عشق جي ، منهنجي ناهي مجال
تون ويون چاهه چوري وار وري ڪي ورڻ جون وايون

٥: صدقو توتان سهڻل صدقي گهوريان مڏيون ۽ مال
ڏيان گهر تڙ گهوري دائم قائم قرب ڪمايون

٦: ولي بخش جا حاڪم هادي واريو واڳ وصال
سر ڏيان ڪلهن ڪان ڪوري پيچ پرت جا ڪي پختا پايون

Gul Hayat Institute

تل: سڄ تہ ڪٿي جي هيءَ ڪو ڪار آهن برابر مون ڏي مڙيئي

۱: پاڻهي پنهنجو پاڻ سجائڻي ٿورو لکن جو مون کي لاتئي
منهنجا محب مٺا منٺار

۲: تنهنجي لڙهہ لڳي آهيان لاري، تنهنجي ساجن آءُ سهاري
مون ۾ مڙيئي عيب اپار

۳: تنهنجي آهيان تنهنجي هونديس، توسان نينهن نڀائي نينديس
توتي مڙيئي منهنجا بار

٤: ٻي نہ وڻان پر توکي وڻان شل تنهنجا طعنا سر کڻا شل
ڪري ڳل ڳچي جا هار

٥: تون جيئن نچائين تيئن پئي نچندي، رنگ پيارا تنهنجي رچندي
سهڻن جا سالار

٦: توريءَ ڍڪيندو ڪير ڍلايون، منهنجون محب مڙيئي اگلايون
اي سائين ڍوليا ڍڪڻهار

۷: طالب تون مطلوب بہ تونهين، منهنجو مٺا محبوب بہ تونهين
مون ڏي آهن حرف هزار

۸: ولي بخش چئي رهجان راضي، اتئي نام الله جو آزي
اي ميان اڙين جا آڌار

Gul Hayat Institute

ٿل: اڄ و يا ... ري ھ ڪ واري آئون صدق وڃان سئو واري
آئون ڪـ ... ھـ ... ور وڃان لـڪ واري

١: پھرين پيارل پيار ڪيو ئي ، پوءِ وري ڪو ترس نہ پيو ئي
ڪھڙو روح ۾ خيال رھيو ئي انھيءَ مونجھہ مٺڙا آھيان ماري

٢: جانب جدائيءَ ۾ جيئڙو جلي ٿو، ڪو وس توسان نہ حاڪم هلي ٿو
پيو لوڪ سارو خوش ٿي کلي ٿو ، ھڪ آئون اوھان جي عشق آزاري

٣: مٺڙا مون کان منھن م لڪايو ، پردو حجاب جو لالڻ لاھيو
سڪنديءَ کي سائين ڪيم سڪايو ، تنھنجي تات طلب آھي تاري

٤: توسان ڪھڙي حجت ھلايان ، تنھنجي جوڙ جتيءَ جو ناھيان
توھ ان آس اميد نہ لاھيان ، تو ساجن ڪين سنياري

٥: ڪڏھن ڳل ڳرھاتيون پيارا تو پاتيون، واھ واھ وصال جون اھي يار راتيون
پايون پرين تو تي جھاتي ۾ جھاتيون، ڪيئہ ڪا نہ منھنجي پوءِ ڪا پونواري

٦: ازل سرتي آيو ڪي ايندو، وئي ساھہ ساجن مون کان سو ويندو
ڪو ترس ترجو تنھن کي نہ پيندو ، ھيڪر حياتي ۾ ڏيو ڪا ڏيکاري

٧: ولي بخش کي بخشيو پڇايون ، ڪيم ڏسو ائين ڪامل ڪڇايون
ناتو نينھن جو اڄ تہ نباھيون ، دلدار ڏيو ڪا دلداري

Gul Hayat Institute

ٽل: مٺا محبوب من مهڻا - سڪندا چو سڪائين ٿو
رقيبن سان رهاڻيون ۽ - مون ڪان منهنڙو لڪائين ٿو

١: لکين لائق سڄڻ سنڌئي - ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايان
ڪڏهن دلدار دلداريون - ڪڏهن وريو ڏِڪائين ٿو

٢: ڪن سان ويجهڙو ويهيو - ڪرين محبت مٺيون ڳالهيون
ڪن سان گهنڊ ۽ گهونگهٽ - ڪن بيزر وڪائين ٿو

٢: حجت ڪهڙي هلائيندس - جتي جو جوڙ آءُ ناهيان
جي ٿو مون سان ڪرين ماٺا - ته چِٽل ڦنڙا چڪائين ٿو

٤: ولي بخش ڪي ورهيه گذريا - سڪندي سڪ تنهنجي ۾
تنهن ڪي ورهه ڏيو ويتر - وصل لاءِ وِ سڪائين ٿو

Gul Hayat Institute

ٿل: تنهنجي عشق مون سان ڪيون يار ڪيڏيون
سٺيون سئو سر تي هلائون مون هيڏيون

١: تنهنجي برهه باهيون، ڏاڍيون يار لاٿيون
توکي ڪنهن سيکاريون، اهي رمزن جون ريڏيون

٢: رکي نينهن ناتو، تو سان پيچ پاتو
مون سهيءُ سڃاتو، پائن تي ٿيون ٿيڏيون

٣: اندر روح رهڻا، ڪنهن کي ڪين ڪهڻا
ڏين منهن تي مهڻا، هليو هڪ جيڏيون

٤: اڇو يار باقي، ٿيو محب ملاقي
رهيل دم باقي، خدا لڳ ڪيڏيون

٥: تو سان لنئون لايم، اکڙيون اَڙايم
پرت کي پڙهايم ورهن جون ويڏيون

٦: اهي ولي بخش وايون، ناتو نباهيايون
ڪريو نا جدايون، عجيب انين ايڏيون.

Gul Hayat Institute

ٿل: آيو عجيب ڪري امداديون، ڪريان شڪر ٿيون دل شاديون

١: اچي پير پيارل پايو، ٿيو لايو سڀ سجايو
هاڻي اڱڻ ٿيم آباديون

٢: آيو محب منُو دل جاني، سٺو وار صدق هيءَ ٻانهي
اچ پنيون من مراديون

٣: آيو وحدت جو وڻجارو لٿو من تان سڀ مونجهارو
اچي پاڻ ڪيائين آزاديون

٤: جيڪي سن هئا دلوارا، ويا موذي مري منهن ڪارا
تن سان ترت ڪيائين تعديون

Gul Hayat Institute

٥: ولي بخش سان مولا ملايو، بسم الله ٻلي ڪري آيو
وڙهيون واهه وحدت واديون

ٿل: اجهي آيون امالڪ آيون آيون ڪنهن نہ ورايون
اڪيون اڙنگ ڪري آ ڪرو

١: سڪل پَٽ ڪيائون ساوا، پاٽي پرت مان پي پي ڍاوا
اَٽي لالڻ جتي بہ لڳايون

٢: وسي وسايائونِ ويران آباد، آباد برباد برباد آباد
اڇي محبن جتي تہ ملايون

٣: اڪيون عجيبن ڪُنديون ڪاريون، ساڻ ڏسڻ ڪ: ڦاريون ڦاريون
وجهن ٻنگن ڪي ٻاهيون

٤: ولي بخش ڏي واليءَ وِرايون، بسم الله پلي ڪري آيون
آيون چمي اسان چايون

ٽل: پلا چا ڪان چو آهه وساريو تو - نڪي قول ڪيل وري پاريو تو

١: نڪو مرڻ منهنجو نڪو جيئڻ منهنجو - نڪو ٻڌڻ منهنجو نڪو ترڻ منهنجو
نڪي ساعت توريءَ سرڻ منهنجو - نڪي سهڻل يار سنڀاريو تو

٢: نه مارين ٿو نه جيارين ٿو - نه نهارين ٿو نه وسارين ٿو
ڏيئي گوندر گڏ نه گذارين ٿو - لائي نينهن نسنگ نه نهاريو تو

٣: منهنجو مهندار ٻه تون منٺار ٻه تون - دلدار ٻه تون ديدار ٻه تون
منهنجو ياقي يگانو يار ٻه تون - ڏيئي سڪ جو سبق سيکاريو تو

٤: اڄ قرب ڪري ٻه ٿي پير پري - هاٿي وڃ نه پري نٿي ساهه سري
ڪيو مست آهيان تنهنجي ذوق ذري - ڏيئي ٻارڻ عشق جو ٻاريو تو

٥: سڻ هيءَ ته سدا آهيان گولو گدا - ٿيءَ ڪيم جدا اٿئي اسم خدا
ولي بخش جي آهي الوداع - جنهن ڏي ورق وصال نه واريو تو

Gul Hayat Institute

ٽل: سهڻا يار سڄڻ اهو ثواب نہ ڪر - هيڪر پاسي رُخ تان نقاب نہ ڪر

١: تنهنجي گهور نيڻن جي گهايل ڪي - سڪ سورن جي تہ ستايل ڪي
تنهنجي ماڻن جي تہ مچايل ڪي - جاني يار جيئين تون جواب نہ ڪر

٢: دلدار ديدار جي ڪـــــول دري - دلدار ديدار لاءِ دل آ چري
متان فوت فراق ۾ ٿئي سا مري - اهڙو يار عجيب عذاب نہ ڪر

٣: پنهنجي دستئون پيارل پيار ڪٽي - اڪ اڪ سان ملائي اڪ جي اٽي
آهيان ڏاڍو اجيو ڏي گهاتي گهٽي - هسي هسي تون ڏي ڪو حجاب نہ ڪر

٤ منهنجو امين بہ تون انصاف بہ تون - منهنجو دين بہ تون مصحاف بہ تون
منهنجو پردو پوش غلاف بہ تون - منهنجي ڪچاين جو تون ڪتاب نہ ڪر

٥: ولي بخش ڪي بخش بچايون سپ - ڏک عيب عجيب اگلايون سپ
ڪر پنهجا پال پلايون سپ - آهن مون ڏي مڙيئي تون حساب نہ ڪر

Gul Hayat Institute

ٿل: عشق آ عجب عجاب - برهه بهادر آهي بالا

١: دين ڪُفر سان مور نہ مطلب - عشق رکي ٿو ناڪو مشرب
نڪو ڏوهہ ثواب - ڪم ڪري سڀ خود خيالا

٢: ازلي عشق جني تي آيو - تنين سانگو سر جو لاهيو
سوال نہ ڪو ٻيو جواب - قرب ڪراين ڪيڏا ڪشالا

٣: حسن جو پالو دِست ٻڙ ٿيو - پاڻان وٽندا ڪم ڪري ٿو
نينهن آهي ناٿ نواب - موهيو مرد ڪري متوالا

٤: زلفن جون ٿو پائي ڳل ڳاريون - ابرو آهن تيغون تراريون
اکڙيون جيئن اوقاب - چور ڪري ڏيو چشمن چالا

٥: چشم مبارڪ جيڏانهن چائي - ڪئين توگهوٽ گهورن سان گهائي
ڪري تڪيرو تاب - برهہ بچائي بٽچيون پالا

٦: عِشق اِناالحق جو دم ماري - ماريو ڪئين ٿو جوان جياري
رُوان رُوان منجهہ رباب - ڪولي قلب جا تاڪيون تالا

٧: سق عشق ڪان سڪجان ساري - ولي بخش پيا ورق وساري
پڙهہ تون برهہ جو باب - نينهن جا نقتا آهن نرالا

ٽل: ڪريو عشق عليل - ڪيئن گهوٽ گهمائي گهاٽي

١: ڪنهنجو واريو ڪين وري ٿو - پاٽان وٽندا ڪم ڪري ٿو
ذليل ناهي ذوق ذلي - جاڻ سپيئي سوٽو جاٽي

٢: ڪم ڪري سڀ ڪفر جهڙا - سر ڪٽي ٿو جنيون جهيڙا
تاتي ڪو ڪو ايندو قليل - طرف توڪل جي سوٽاٽي

٣: ڪيئن مجذوب ڪري مستانا - لاءِ ديدار جي وطن ديوانا
آهي اصل اصيل - وجهيو ور ولئين جيئن واٽي

٤: برهه ۾ آهي سرجي بازي - رهه رضا تي ٿي تون راضي
دل ۾ نه آئج دليل - نينهن ملي ٿو نا ڪنهن ناٽي

٥: ولي بخش وڃ وڪ وٺائي - محبت جو ميدان ملهائي
پيءُ تون جام جليل - موج محبت جي ڏس ماٽي

Gul Hayat Institute

ٽل: عجيبن جون اکيون - پيئي نيڻ نرگس
ڪنديون ڪاريون ڪجليون
بنائين ٿيون بيوس

١: نشي نينهن جي سان پئي نيم خوابي
وانگي شينهن شوريل سرڪش شرابي
تني سان نپاهڻ سندو ڏانئم ڪو ڏس

٢: اچن سي امالڪ منجهان قرب ڪاهيو
وجهن وير وريام ڪئين ڀنگ ڀاهيو
خماري خماريل ڪڏهن ڪين ڪن بس

٣: مون ڪي منهنجي اکڙين انيءَ سان اڙايو
جني ڪي ڪڏهن ڪين ڪو ترس آيو
اهي ناز پرور سکيون اهڙي سروس

٤: ولي بخش سان تن رکيو نينهن ناتو
ڏيئي ڳل ڳراهڻي پڪو پيچ پاتو
ويو پنهنجي وس کان ٿيو هاڻ هن وس

Gul Hayat Institute

ٿل : سڄي درد ٻنان ساٻات ڪهڙي - عطا عشق نہ ٿيو پوءِ ڏات ڪهڙي

١: پلي ڪو شاعر شعر آوازي ٿئي - توڙي پڙهي مُلان ڪو قاضي ٿئي
جي يار رانجهن ناراضي ٿئي - ٻنا عمل پلا آيات ڪهڙي

٢: سڀ آيات پلي سڀ ذات پلي - سڀ ٻات پلي سڀ ڏات پلي
سڀ ڏينهن پلا سڀ رات پلي - جنهن ۾ محب نہ مليو سا رات ڪهڙي.

٣: جيڪو مُلڪ معني جو ماڻي تو - اهو صفت ۾ ذات سڃاڻي تو
پروان ٿئ پرت پڇاڻي تو - ناهي تانگهہ طلب پوءِ تات ڪهڙي

٤: پيا ٿاهہ لڪين پيو ٿاهيندو - تند توڪل ڪين وڃائيندو
جدا يار جانيءَ ڪي پائيندو - ولي بخش اها وصلات ڪهڙي

Gul Hayat Institute

ٽل : مون کي دوست دلبر ڇڏيو تو وساري
تنهنجي تات ڏينهن رات جيئن تاڙو تنواري

۱: تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڏاڪڙا ڏنم کي
سوين سور سرتي ساجن سٺم کي
سندم ساهه سهڻل سدا تو سنياري

۲: ڪيم دوست دلبر دردر گدائي
ڪريو ڪيم مون سان اي جانب جدائي
اصل آئون اوهان جي لڱس يار لاري.

۳: اول يار لائي ڇني پوءِ ڇڏيو تو
پنهنجو پاڻ سان ڪين ڳولو ڳڏيو تو
چاڙهيو چوٽ جنهن کي نينهن جي نظاري

٤: اٿ ٿي پهر عجيب تنهنجي انتظاري
بلاشڪ بدن ڪيو برهه بيقراري
وصل لاءِ ولي بخش پيو تو پڪاري

Gul Hayat Institute

**ٿلهه**: تنهنجي ٽانگهه طلب مون کي ٽات آهي
وسري ويل نٿي ڏينهن رات آهي

١: لنئو لنئو ۾ مون کي يار لوري آ
ٻي روز جهڄڻ ۾ جهوري آهي
تو سان زور هلي نڪا زوري آ
اَٿين آب اکيون جيئن برسات آهي

٢: ڪڏهن محب مٺا مون کي ملندون تون
خوشحال سڄڻ ٿي کلندون تون
اچي اڱڻ اسان جي ٿلندون تون
تنهنجي هجر ڪئي هي هات آهي

٣: هڪ ڏينهن پاتي تو جهاتي هئي
سا صفات چوان يا ذاتي هئي،
اسرار عجب اصباتي هئي
تو وري محب نہ ڪئي ملاقات آهي

Gul Hayat Institute

٤: تنهنجي ڏسڻ لاءِ مون ڏاڪڙا ڏٺا
سوين سور سڄڻ مون سرتي سٺا
مون کي هان ملو محبوب مٺا
ولي بخش جي وائي اها وات آهي

ٽل : پهرين گڏي گوڏي وهاري - پوءِ ٽڪي ناڏار ڪر
محب ماڻن جا نہ ايذا - تيز تون تڪرار ڪر

١ : دلبا ڏيئي دلڙي ڏتاري - تو پرين پنهنجي ڪئي
هاٺي وجهہ وٺي ناوار جي - تون مهر ڪا منٺار ڪر

٢ : تنهنجي جلوي يار جاني - ساهہ آسوگهو ڪيو
چڏ غصو غمناڪ سان - تون غور ڪو غمخوار ڪر

٣ : تنهنجي پيرن جي پٽي - پي سرمون اکين جو مون ڪيو
هي اکيون منهنجون پيئي - پنهنجي پير جا پيزار ڪر

٤ : تو نوازيون ناز پرور - ڪيئي اگليون اوچيون
ولي بخش تي وارث واري - تون وڙ ڪو وينجهار ڪر

Gul Hayat Institute

ٽل: منهنجو تون ئي آهين - آئون تنهجي آهيان
تو مان آس اميد - ڪڏهن ڪين لاهيان

١: مون ٻيو سيڪي ڇڏيو آهين باقي تون - منهنجو يار يگانو يا ڦي تون
ڪڏهن مون سان ٿيندون ملاقي تون - تو ڪي ڳانڊ پلو پل پل پايان

٢: ميڙيون نٿا مڻا منهنجيون مڇيو - ڏاڍا سور سڪايل ڏي ٿا سڇيو
ساعت سال ڀانيان ويهو ورهه وڃيو - تنهنجي ٻول ٻڌل ٻي جي نه آهيان

٣: مون ڪي تنهنجي طلب ۽ تانگهه رهي - تو لاءِ ڪوڙين اڏايان ڪانگ ڀئي
تنهنجي سانگي ڇڏيم ٻاسانگ سيڻي وآديون ورهه سنديون ويلي يار وهايان

٤: چئي ولي بخش وصال جي واڳ واريو - مئي ماڻن سان مئا ڪين ماريو
اڇي گهايل سان ڪو دم گهاريو. آئون ڀاڳ ڀلا هوند پوءِ ڀانيان

Gul Hayat Institute

ٿل : دلدار دلڙي ويو ڪٽي - هو ناز پرور ناز سان
زور جرئت نا هليو تنهن - ناز بي انداز سان

١: جيئن باز ڪو بانشو اڇيو - تو منجهه چڙي چائي چنبن
چا چڙي ڪاوڙ ڪندي - تنهن شوق جي شهباز سان

٢: پهرين پيار ل پيار ڏيئي - مستان دل مجروح ڪئي
من موهن موهي وڌي - رمزن واري ڪنهن راز سان

٣: عيش ۽ آرام سڀ - ان جي نهوڙي ناز نيا
هاڻي رات ڏينهن رهڻو پيو - سڪ سوز ۽ گداز سان

٤: باقي رهيو هڏ ماس چم - سو پيو ڳٽتين ۾ ڳري
عقل مت هئي پيا منجهي - هڪ گهور ۽ غماز سان

٥: ان جي رفتار ۽ گفتار ڪئين - ماڻهو ملڪ موهي وڌا
حورن پرين حيرت لڳي - پرين سندي پرواز سان

٦: ولي بخش جو وس ناهليو - من ڪو ترس تنهن ڪي پوي
بيزر بندو بردو بنيو ان لئون واري لحاظ سان

Gul Hayat Institute

ٿل: سو سو سلامن تون ڏيئي - چئج سونن جي سرتاج کي
مون کي مٺا هڪ تون کپين - أئون ڪوهه ڪريان ٻي ڏاج کي

١: پانڌي پيارل کي چئج - ديدار جو دارون ڏيو
ٿيا سڪندي سال ڪيئن - اهنجي انهيءَ علاج کي

٢: هيلا حڪيمن ڪئين ڪيا - پر ڪو نه پيو ڪنهن کي پتو
ڏيو ٻڪي ڪا پاڃهه جي محبوب هن محتاج کي

٣: تنهنجي ٻرهه جي بندگي - بيزر غلامي مون مڃي
تو سوا ڪيڏانهن ڪريان - ٻي رسم ۽ رواج کي

٤: عيب اگلايون گهٽيئي - مون م اهن منهنجا مٺا
سي سپيئي ڍوليا ڍڪي - لائق رکو منهنجي لاڄ کي

٥: ولي بخش کي هر وقت - تنهجي تانگهه طلب تات آ
ماندو ملڻ لاءِ تو مري - هئه هئه ڇڏئين ٻي هاڄ کي.

Gul Hayat Institute

ٿل: ڇوڻ دل جي اکيون اڙيون - وڃي ڦاٿيون مون کان زوري

۱: پهرين محبت ملين ميٺيون - پرائي پوُر پوءِ ويٺيون
ڏکن سان هاڻ ٿين ڏيٺيون - لڳي لئون کاوين لوري

۲: اڃي اٿکي اهڙيون اڙيون - سدا سهمن اندر سڙيون
جهلين ٿيون تاب ۽ تڙيون - جهڄن ڏينهن رات کيو جهوري

۳: منهنجي وس کان ويئيون هاٿي - ماريون محبوب جي ماٿي
تکن تر ناکهين ٿاٿي - لڳيون ظاهر نہ کي چوري

۴: ولي بخش سان نہ سي سرتيون - پيا زل يار کي پرتيون
جنهن کيون قابو ڏيئي پرتيون - گهٽيئي تنهن کئي نہ سا توري.

**ٿل : تنهنجا ڳڻ ۽ ڳالهيون يار - ذري ذري ٿيون ياد پون**

١: توجي ڳل ڳراهتيون پاتيون - جهاتي ۾ ڪي پائي جهاتيون
چوڪيون سنڌي چاليون يار - مون ڪان ڪنهن دم ڪين ٿيون وسرن.

٢: دم دم دل ۾ دود دکائين - روئاڙيو روئاڙيو لڙڪ وهائين.
اکيون ڪن سي آليون يار - جيئن ڪي موسم مينهن وسن

٣: ڏيئي فراق ڪري فراقي - وڃي يار يڪو ٿيو باقي
هٿي ديدون دو ناليون يار - سي ته قنيل اجا پيا ڦٿڪن

٤: قدم قرب جا پريو بندي ڏي - هن اوهان جي سائين سنڌي ڏي
ته گڏجي جاني جاليون يار - پل ته پيا پيا ڏيهه ڏسن

٥: تنهنجي ياد اندر ڏي اُدما - سهنا سور سوين پيا صدما
تنهنجيون رمزون نراليون يار - ڏيهه سڄي ۾ ڪين ٿيون ڏسجن

٦: ياد ولي بخش ڪين وساري - تاڙي وانگر تات تنواري
توجي پياريون پياليون يار - اچي تايو آهي تن طلبن.

Gul Hayat Institute

ٿل: صدق صدق سو واري صدقي
لاهي نقاب نهارڻ تان

١ :نيڻ خماريل ڪٽي خوشيءَ مان
ڪلي يار ڪيڪارڻ تان
غمن ۾ پي غوطا کاڌم
تار انهيءَ مان تارڻ تان.

٢ :واعدا وصل جا ڪيا تو جيڪي
پنهنجا سيئي پارڻ تان
دلبر اچ ديدار ڪرايو
انهيءَ سارڻ يار سنڀارڻ تان.

٣: ڪڏهين تہ ويجهو ڪين وهاريو
اچ گوڏي گڏ ويهارڻ تان
مٺڙا مٺڙيون ٻوليون ٻولي
دلڙي يار ڏئارڻ تان.

٤ : هٿيار حُسن جا يار ڪٽي
اچي عاشق سر اولارڻ تان
موتو وانگي ماري مارئي
انت موتو جيارڻ تان.

٥: گهور تيان لک گهورون گهوريان
واڳ وصال جي وارڻ تان
اهي احسان لکين لک تورا
گڏجي يار گذارڻ تان.

٦: ساقي سرڪي ڏنيئي مرڪي
تنهن پيالي پر پيارڻ تان
مون پانيو آئون وسري ويڙس
ولي بخش کي ڪين وسارڻ تان.



Gul Hayat Institute

تلهہ: محبت ۾ منهنجا مٺا - ويهہ تہ گڏجي يار گذاريون

ويهہ وڃڻ جون وايون ڇڏي ڏي - قرب ۾ هردم رهون ٿي ڪٺا

جاني جدائي جيئڙو ٿي جهوري - ڏک تہ اڳي ئي مون آهن ڏٺا

تانا تنڪا مهڻا ملامت - سي تہ سڀئي مون سرتي سٺا

ويهہ ولي بخش سان ٿي ويجهو - ورهہ جا جنهن سر مينهن وٺا.

Gul Hayat Institute

ٿل : تنهنجيون ڳالهيون سڄڻ - منهنجي روح ۾ رهيون
مون کي تون نہ مليون - مون کنهن سان نہ کيون

١: منهنجي محرم حال جو پائي تون - ڪر ايڏي ڪيم جدائي تون
مون سان بيحد بي تہ وفائي تون - تيو ڏيل ڏکن ۾ يار ڍهيون

٢: هاڻي هيڪر اچو ڇڏي هوڏ مٺا - تنهنجي واهہ وٺي مون کي لوڏِ مِٺا
توريءَ ڪنهن سان ڪريان اُءُ ڪوڏ مٺا - تنهنجي عشق ڏنيون ڏاڍيون درد ڏيون

٣: اچيو ڇت تي چڙهن تنهنجون چالڙيون - مٺيون محب تنهنجون جي مکالڙيون
اهي ڳڻن پريون جي ڳالهڙيون - مون کي ياد پون نئين سج تہ نيون

٤: پنهنجي پر ۾ روز پچاريان ٿي - ڪريو ياد هنجون نت هاريان ٿي
هڪ ويل بہ ڪين وساريان ٿي - منهنجون آهن سمر اهي ساهہ سنيون

٥: مون پيو سڀ کي ڇڏيو توکي نہ ڇڏيان - تولاءِ جايون اکين م يار اڏيان
توکي ساعت ساعت اُءُ تہ سڏيان - پيون وايون مون کان سڀ يار ويون

٦: ولي بخش جاتا نيڻ وهن سڪ صبر پيئي ڪيئن ٿهن
مون کان زوريءُ ٿيون وڃيو پڌر پون - جيڪي آهن اندر ۾ اڻ تہ ميون

ٽل: حال پائي آهيڪر - قرب وارا پري قدم
ساهہ سڪي ٿو ساري - دوست اوهان ڪي دم دم

١: ڳل ڳراٽي پائي وري وساري ڇڏيئي
- سور سمر ساڻ ڏيئي گوندر منجهہ گڏيئي
ٻي ڪنهن ڪي هاڻ سڏيان - من جو تون ئي محرم

٢: سال ٿي ويا سڪندي - توکي ساريان ۽ سڏيان
اڳڻ ٻهاريو دل جا - اکين اوطاقون اڏيان
واڳ وصال آواري - هوئج هميشان همدم

٣: ڪئين سهڻن ڪان سهٽا - ڏيهہ ڏوري مون ڏٺا
تنهنجو مٽ نہ پانيان - منهنجا محب مٺا
تنهنجو هلڻ ملڻ ڪلڻ - ڏي سورج کي شرم

٤: مهل مرڻ جي مون وٽ - مان اچين تون موٽي
آئون اوهان جي آهيان - توڙي ڪري جي ڪوٽي
ڪير ڪندو پيو توريءَ هن ڪوجهيءَ تي ڪرم

٥: هيلا حڪيمن ڪيا - ورهہ وڌي ويو ويتر
درد لهي نہ دل جو - جاني ملين نہ جيسين
محب جڏهن تون ملندين - ٿينديون بيماريون پوءِ بسم

٦: ولي بخش کي ويتر نئين سج ٻسور نوان
ڪريو سڪائون سانديان - محب مڪا جي اوهان
تن ڳارا ڏيئي ڳاريو - جاني يار جسم

ٽل : ويهه نہ منهن تون متي متي - پرديسيئڙا پريت لڳائي

١ : مندون مـــوتي ملڻ جون آيون - وري ورڻ جون ڪرڪي وايون
جيءُ نہ توري جتي جتي - جاني جڏهن تنهن ڪي جلائي

٢ : بازي برهہ جي يار بنائي - گهور نيڻن سان دلڙي گهائي
ڪٿي ويون تون ڪتي ڪتي - ڏيئي راز ڪو رمز رلائي

٣ : وڃي يار يڪو رهيون ويهي - ڪري ڏکن ۾ منهنجي ڏيهي
سڪ سورن ۾ سٽي سٽي - پيچ پرت جا دل کي پائي

٤ : جنهن سان توهو گڏ گذاريو - تنهن کي تو نہ سڄڻ وري ساريو
ڪيئن پلا اهو ڪتي ڪتي - ڳالهيون تنهنجيون ڳايو ڳائي

٥ : ولي بخش ڏي وري ورڻ جي - ڪر پيار پير پرڻ جي
نہ ڳالهيون ڪريون ڪي ٻتي ٻتي - اچ تون پنهنجو پاڻ پلائي

Gul Hayat Institute

ٿل: مندون موٽي وري آيون - مان ورن وڻجارا
پچان پجران پڙهان پيئي - سندا سورن سيپارا

١: سڄڻ سلامت ثابت وطن وري شل اُبندا ڪاف ڪشالا تن جا ساب سيئي پيندا
من مرادون پڄندن هون سدائين سوپارا

٢: آئون تہ انهن لاءِ اڃا روز اداسي آهيان - پرهہ ڦٽي جو فالون پرين لاءِ پايان
اڄ سياڻي مان اچڻ جاني جيءَ جيارا

٣: نجم نجومين ڪان پوٿيون پڙهايو پڇان - محب ڪڏهن سي ملندا جن لاءِ لڇيو لڇان
ڪائڻ پيئڻ عيش عيدون خيال خوشين جا ڪارا

٤: پيرن فقيرن ولين تي باسيم ڪئين باسون - الله پڄائيندو اهي اندر منهنجي جون آسون
محب موٽي مون ملندا - من منهنجي جا منٺارا

Gul Hayat Institute

٥: ولي بخش ڏانهن ڪڏهن واءُ وصالي ورندا - عجيب اکين سان ڏسي نيڻ نماڻا ٺرندا
درد دفع سڀ ٿيندا دوست پسي دلدارا

ٿل: پرين پاريو ائين پنهنجو واعدو وصال جو
جاني پسايو جلوو جانب جمال جو.

١: شمس قمر تارا تنهنجي چمن پيئُزارا
چهرو چٽو چوان ڇا بدري هلال جو

٢: اول تون آخر باطن تون ظاهر
رهي ٿو دور دل ۾ تنهنجي مقال جو

٣: منگي بيک ٿو بکياري ديدار دان واري
بخشيو مئا کو بهرو برهه بحال جو

٤: آهين سخي سخا کرپازي پنهنجي کي پاکر
منگتو آهيان مدامي محبت جي مال جو

٥: سائين کريو ستاري ٿئي برهه کو بهاري
ڏيو خير لڳ خدارا خوبان خيال جو

٦: ڏيو ذوق ذکر ذاتي رهي روز ڏيهان راتي
ڏيئي نيهن ۾ نوازيو ڏوتو ڏمال جو

٧: ولي بخش آ سوالي محبت سندو موالي
تنهن کي عطا انعام ٿئي قربي کمال جو

Gul Hayat Institute

ٿل: جِيَس جاني ۽ ياد ڪياس - ياد هجان شل وري نہ وساري

١: ڪيڏو قرب ۽ ڪرم ڪيائين - پرم شرم جو ٻڪ ٻڌيائين
آئون ٿورائتي هاڻ ٿياس - سر ساهہ صدق ڪريان واري واري

٢: جلوو جمال آهي جنهن ڪي - سنجهہ صبح آهي سوال تنهن ڪي
جڳ ۾ جنهن جي ناءُ سياس - سو پنهنجي پرت پرين شل پاري

٣: ٿورو لڪن جو مون ڪي لاتائين - پيار وارو ڪو پيچڙو پاتائين
هيس جڏڙي هاڻ جياس - ڪئين جڏيون ٿو يار جياري

٤: منهنجو محب ڏسي جا هيڪر - سڪ نہ سمهي سا جَلي جيڪر
اهڙي آهي سونهن سنڌياس - پل پل پيئي، پوءِ پڪاري

٥: ولي بخش چئي وصال وارو - پرين پِسايو نور نظارو
جنهن لاءِ آءُ سال سِڪياس - تنهن اڄ پُرڪيو اُ پياري

تلهہ: مالڪ توکي ڪيو مٿاهون
آهي پرين وٽ تنهنجي پچار

١: گس لاءِ تون چڱي گرهوڙي
آئون آيس تو در ٻوڙي
بنا عجيب جي آهيان اجوڙي
تون لهہ ڪا اهڙي سار سنڀار

٢: سائل آيس تو در سوالي
مون کي ملائج وارث والي
عزت تنهنجي اصلئون عالي
ٿي حمايت هر وار

٣: محبت مون کي مال ڏيارج
پرتئون پيالو پريم پيارج
آهي تنهنجي ڪل اختيار

٤: شال نصيب ٿئيم شريعت
طالب آهيان ڏينم طريقت
حال منگان ٿو توکان حقيقت
معرفت ۾ تون آهين مختيار

٥: ولي بخش چئي آهيان ويچارو
تو در آيس پنڻ پئنارو
منهنجو مقصد ڪجان موچارو
آهن الله جا توتي آر.

Gul Hayat Institute

ٽل: محمد منصور ٿيو مانجهي - برهه جو سر ڪٽي بارو
ڪُلي خوشبوءِ ڪتياڻن ۾ - هليو هر جاءِ هيڪارو

١: ڪري ترڪ قبل ماضي - رضا تي رند رهيو راضي
ڪري سڀ غير گم غازي - اناالحق جو هنيو نارو

٢: نڇي نروار ٿيو نانگو - جڏي سر ساهه جو سانگو
لنگهي لاحد وارو لانگهو - ٿيو سرمد جيئن سوپارو

٣: مچائي ميخانه منصوري - پرت پنهنجي پاري پوري
حاصل هر حال حضوري - نظم ۾ ٿيو سو نامِيارو

٤: دُئي وارا ٽڳا توڙي - پيائيءَ ڪي جڏئين پوڙي
چڙهيو توڪل سندي گهوڙي - جڏي لالچ سندو لارو

٥: سانگو سر ساهه جو لاهي - محمد جيئن موج مچائي
اهڙو ڀيو ڪير ڪٿ آهي - ولي بخش آ ورهه وارو

Gul Hayat Institute

ٽل: سهڻو ساميئڙو دلڙي لٽي ويو - دلڙي لٽي ويو ڪو دم ڪٽي ويو

١: وڇڙو اصل هو وطن ويراڳي - سچو سنياسي سامي سهاڳي
رام ريجهايو جوڳيءَ جاڳي - مون ڪان مهيسر منهڙو مٽي ويو

٢: مون ڪي ملي من مرد مهيسي - عاشقي عشق جو اصل اويسي
هتان هليو ويو پورب پرديسي - سک سورن جي سير ۾ سٽي ويو

٣: ترڪي ترڪ ڪي ترڪ ڪيائين - ڪين بنا پيو ڪين ڪنيائين
سڪان ساريان آئون سدائين ڏيئي درد دل ڪي دلڙي ڦٽي ويو.

٤: ننگ نياهي نيهي سو نيندو - اٿم اميد تہ ڪين ڇڏيندو
پنهنجو پاڻ سان گڏ ڏيندو - سڄو سک جو وجهي وٽي ويو

٥: جوڳي پنهنجو جيءَ جلايو - نانهن تي نانگي نات نمايو
ولي بخش تنهن ڪان ورهہ وهايو - ڏيئي جهام جهوري جيئڙو جهٽي ويو

Gul Hayat Institute

ٽل: اچا ڪو نہ آيو ڪو قاصد قريبن
وريو ڪو نہ وانگي سندو يار سڄڻن

١: سندن شان شاهي آئون نوڪر گدائي
ڪريان ڇا وڏائي اڳيان عجيبن

٢: پلا ڪندا پيرو ساجهر سويرو
مٿيندا نہ ميرو ملان شال مجيبن

٣: ويل نہ وساريان هنجون روز هاريان
نڪريو نهاريان نرتئون نجيبن

٤: پل پل پچايان اميدون نہ لاهيان
ولي بخش واهيان هنجون لاءِ حبيبن

Gul Hayat Institute

ٿل: ادا ساٿي سڄڻن کي - منهنجا سلام ڏج ساري

۱: پئج پيرين منهنجي پارا - پائي ڳچيءَ ڳل ٻارا
سنيها هي چئج سارا - مٺي محبوب موچاري

۲: وصل جي واڳ هٿي واريو - نہ مون کي ماڻن سان ماريو
کيل پنهنجا قول پرين پاريو - چئج دل لائي دلداري

۳: وچي تو حال تيندو هيٺو - لڳي تو ناچندو ڦيٽو
درد وٺي تيو پيٺو تيٺو - ماريو انهيءَ آ مونجهاري

٤: حياتي مثل آهي حباب - هٽايو پردو حجاب
پسايو منهن مٺا مهتاب - اچو ننگ پنهنجو نهاري

٥: اسان جا عيب اگلايون - ڀکيو ڀولڻ ائين ڀلالون
ٻي جا ناهيون تنهنجا آهيون - پيل اصل کان پناري

٦: پيا ٻہ عاشق اتي اهڙا - کي مون کان وڌکي مون جهڙا
ڏسڻ منهن لاءِ کريو ميڙا - پيو هرکو ٿو پڪاري

۷: ڪجان اهڙي اُتي اَزي - نمي نوڙي تون نيازي
ريجهائي تون ڪجان راضي - اچي من پوءِ اوطاري

۸: مٺا محبوب دل جاني - رهي تو حال حيراني
تي اَضعيف زندگاني - جيو ولي بخش ويچاري

ٿل: پانڌي پڇايان تولاءِ -ڪانگ اڏايان او يار پيارا

١: راتو ڏينهان تنهنجي طلب ۾ -ويئي واجهايان

٢: پيرن فقيرن مجيو مڃائون -پوٿيون پٿايان

٣: اڄ اڱڻ تي يار پيارا -گهورون گهمايان

٤: تنهنجي آهيان تنهنجي هونديس -تنهنجي سڏايان

٥: ولي بخش چئي هر ويلي پيئي -ورهه وسايان

Gul Hayat Institute

ٿل: ٻاهه برهه جي يار پڙڪائي - ڏاڍو ڪو ٻارڻ ٻاريو ٿئي

١: نازن وارا ناز ڏيکاري - مون کي ماريو نه جياريو ٿئي

٢: گُهنڊ گهونگهٽ سان دلڙي گهائي - محب ماٺ سان ماريو ٿئي

٣: خوش هجين تون يار سدائين - مون کي نه خوشين کان ڪاريو ٿئي

٤: مون ضعيف بي زوريءَ کي - ڏاڍو ڏاڍ ڏيکاريو ٿئي

٥: جلان جدائي ۾ آئون جاني - تو ساڄڻ ڪين سنڀاريو ٿئي

٦: ولي بخش کي برهه بڇائي - ترِ نه ترس ڪو تاريو ٿئي



Gul Hayat Institute

ٿل : ماري ماٺن سان مشهور ڪيئي - ڏيئي چوٽ چشم چڪچور ڪيئي

١: تنهنجا زلف وسيهر وار ڪرن - سر سِياهہ سٽي ٽڙ ٽار ڪرن
اهي محبت وارن جا مار ڪرن - موهي مُحب مٽا مخمور ڪيئي

٢: تنهنجا پؤنر پرون ٻيئي پالا ٿيا - تنهنجي نيڻن جا ناز نرالا ٿيا
چقمق وانگي تن چالا ٿيا - دل درد وارن دستور ڪيئي

٣: تنهنجو برهہ بلاشڪ ڀاري آ - تنهنجي نيڻن جي نوڪ نياري آ
توسان زور نڪو منهنجي زاري آ - آٿي زابر ذوق ظهور ڪيئي

٤: هٿيار حُسن جا مون کي هٽي - خوني نيڻ خماريل يار ڪٽي
ڪيئي قرب وارو پئمال پٽي - واري ولي بخش کي وهلور ڪيئي

Gul Hayat Institute

ٽل: هيڪر نام خدا جي نهار ڪٽي مُئي دلڙي يار جيار ڪٽي

١ تنهنجي رخ ڪعبي جو طواف ڪريان - ۽ سجدي ۾ هي سرڙو ڌريان
قربان جنهن تان حوران پريان - سو منهن مون کي ڏيکار ڪٽي

٢ ڪري وار غلاف تو واري چڙيا - سي سيهي سموهي سينگاري چڙيا
تو مشتاق هزارين ماري چڙيا - اهي ابرو ڪج تلوار ڪٽي

٣ تنهنجي رمز عجب رفتار عجب - تنهنجو گهنڊ عجب گفتار عجب
تنهنجي چشمن جا چمڪار عجب - مون ڏي واحد لڳ سي وار ڪٽي

٤ برباد دل آباد ڪري - ديدار ڏيئي دل شاد ڪري
مون مسڪين تي اها امداد ڪري - گڏ گوڏي ساڻ وهار ڪٽي

٥ آئون نه شيخ مشائخ پير آهيان تنهنجي در جو منگتو فقير آهيان
تنهنجي ديدار لاءِ دلگير آهيان - تون ديدار جو دان ڏيار ڪٽي

Gul Hayat Institute

٦ نه دولت زر خزانو ڪپي - نه توري ڪو افسانو ڪپي
ولي بخش کي پُر پيمانو ڪپي - سو پنهنجي دستئون پيار ڪٽي

ٽل: جهاني پايو منهنڙو لکايو چڏي
البيليون اکيون اٽکايو چڏي

١: منهنجو يار چشم جڏهن چائي ٿو
گهنڊ گهورن سان ڪئين گهائي ٿو
جي ڪٽيو ڳات ڳالهائي ٿو
ته لکين فقير ڦٽڪايو چڏي

٢: جيڪو اکڙين جي منجهه آيو اري
سو ته ساري عمر پوءِ سور جري
مجروح مثل جيئي نه مري
جنهن کي سيني اندر سڏکايو چڏي

٣: دانهه ڪئين دل گير ڪري
ڪئين امير وزير فقير ڪري
مستان ڪئين مهيمر ڪري
سر سوريءَ تي لٽڪايو چڏي

٤: توڙي هجي ڪو ڏيرو ڏڏ
ته به سڏيو ويهاري گوڏي گڏ
ڪن جو نه سٽي ٿو سورن سڏ
ڪي سڪ ۾ يار سڪايو چڏي

٥: ڪئين مست منگهن مخمور ڪريو
ڪئين چشمن سان چڪچور ڪريو
ڪئين ولي بخش جهڙا وهلور ڪريو
لائي وصل وسڪايو چڏي

Gul Hayat Institute

ٽل: ڪٿي خبرون ڪريون خاصيون - آيو قاصد قريبن جو

۱: مٽان قاصد قرباني - ڏيان سر ساهه مهماني
آندي جنهن يار جي نشاني - آهي نوڪر نجيبن جو

۲: صدق سو وار سجڻ تان - مٽن منهنجن محبن تان
قريبن جي تہ قدمن تان - آهي ضامن ضعيفن جو

۳: جيڏانهن جاني چشم چائي - لڪين تو گهور سان گهائي
تنهن سان مت پيو ڪير آهي - حسن هالار حبيبن جو

٤: چئي ولي بخش ڪين وساريان - سجڻ سهڻو سدا ساريان
آئون گڏجي مان گذاريان - آهيان عاشق عجيبن جو

Gul Hayat Institute

تل: اتي جاڳ جوڳي - تون جاڳي جفـــــا كر
كيل قـــول پنهنجو واعدو وفـــا كر

١: اتـــئي ســـانگ ســـاعت - دنيـــا دم گـــذر آ
ســـڄي ســـخت ڏايو - ســـتـــاڻو ســـفـــر آ

٢: تي هوشـــيـــار هل تون - دنيـــا آهي دلبـــو
نہ رهيـــو كو رهندو - هتـــان نيث هلبـــو
خيـــال خالي - نہ خالي خفـــا كـــر

٣: آهـــي دم غنيـــــمـــت - دلـــدار دم ۾
فـــكـــر ســـان قـــولـــج - غازي تي غم ۾
فـــكـــر فيض آهي - ســـو ســـو دفعـــا كر

٤: مـــتـــي مـــوت تنهنجي تون غافل گـــذارين
كليـــو كـــايو ســـمـــهين - نتـــو دم سنيـــارين
جاڳي تون جاڳي - كي نيـــهي نفـــعـــا كر

٥: ولي بخش واحـــــد - دم نہ وســـــارين
پنهنجي پاڻ ۾ - ســـو نرتئـــون نـــهـــارين
تنهنجو تو ۾ آهي - تون ســـينو صـــفـــا كر

ٽل: منهنجو دوست دلبر اجهو يار آيو - منهنجي ملڻ لاءِ واليءَ ورايو

١: واٽون ۽ رستا ڪريو سڀ صفائي - اڱڻ گهر اجرا اعليٰ اڇائي
ڪٽون پلنگ کاٽيون واري وڇايو

٢: عطر بوءِ ڪٿوري سوين ڪي سرهاڻيون ڪٺي ساز سامان ڪريو رس رهاڻيون
آيو آهه عجيب اٿين ڳاٻو وڄايو

٣: ڪريو خير خيرات صدقو سڄڻ تان منهنجي يار محبوب مٺڙي ملڻ تان
ڪڏي ڪير ڪند ۽ ورچون وراهيو

٤: ڪريو سڀ سلامي ٻڌي هٿ ادب جا لکين اڄ احسان رازق رب جا
آٽي جنهن عجيب آ موليٰ ملايو

Gul Hayat Institute

٥: ولي بخش واحد واريو واهُ وصالي - مليو محب مون کي جناب عاليٰ
تيو هاڻ سڀ ڪم سهڻو سڄايو.

ٽل: تون ھي تون جي ڪر تنوار - واحد ويجھو ٿئي وارث ور ۾

١: خود خوديءَ جا خيال وڃائي - محبت واري موج مچائي
پوءِ پرين جي ڪر پچار - گھوٽ ڪي ڳولي لھجان گھر ۾

٢: ونحن اقرب اھا آيت - وفي انفُسڪم سمجھہ اشارت
نائي پنھنجا نيڻ نھــــار - نافع خالق رک نظر ۾

٣: تنھنجو تو ۾ ھادي حق آ - تر نہ تفــاوت تنھن ۾ شڪ آ
عاشق ٿي تون عشق اُجار - ٿي فنا اٿئي فيض فڪر ۾

٤: ولي بخش تون ڪيم وسارج - چوويھہ ھزار سان پرين پچارج
پنھنجو مالڪ سو مختيار - ڪو دم صاف تون آھين سفر ۾

Gul Hayat Institute

ٽول: مٺا محبوب دل جاني - ڪڏهن منهنجي اڱڻ ايندا

١: ايندا فضلئون ڪري ڦيرو - پائي ڪو پرت جو پيرو
ڪندا اچي دل اندر ديرو - هيٺي سان هڪ اچي ٽيندا

٢: جتي جي جيءَ ۾ جهوري - لڳي لئون لئون ۾ لوري
ڏکن جي ويا وجهي ڏوري - ڏکي کي ڏڍ اچي ڏيندا

٣: وصل واريون واري وايون - جوڙيندا جيءَ ۾ جايون
پلا ڪندا پاڻ پلايون - وٽان پوءِ ورهه مون ويندا

٤: تنريءَ ساعت ڪين سري - جن جي چاهه ڪيس چري
اهي ولي بخش ايندا وري - جري مون کي پوءِ ڪيئن چيندا

Gul Hayat Institute

ٿل: جيئو جانب سدا جڳ ۾ - مٿان مون کي مٺا مٿيو

١: ڏکيا آهن ڏينهن مون ڏٺڙا - ورهه جا مينهن سر وٺڙا
ملو جيڪر مون کي مٺڙا - ته پوءِ جڻ مون سپيئي ڪٽيو

٢: ساريان آئون ڪين ٿو سُڪڙا - درد دل ۾ دکيا دکڙا
ڏنو ڏاڍا مون کي ڏکڙا - تنين مان ڇا توکي وٺيو

٣: نه ٿيو ظالم ڇڏيو ظن کي - تارون نو کي پاٽيون تن کي
ميخون محبت سنديون من کي - سي مٿان پانهيون پرين پٽيو

٤: اچو فضلئون ڪري ڦيرا - پري کي پرت جا پيرا
جلن ٿا جيءُ اندر جيرا - اچي ڪو دم پرين ڪٽيو

٥: مچو منتون منهنجون ميڙيون - چئو جهڙيون ڪريان تهڙيون
عادتون ڪيم ڪريو اهڙيون - سڪڻ جي سوز آهيان سٽيو

٦: ڏيانڙو دل ۾ ترجو - قدم ڪو قرب جو پرجو
ولي بخش ڏي ورڻي ورجو - فراڪن جو آهي ڦٽيو

Gul Hayat Institute

ٿل: انـــئي پهـــر اُداس ـ ڪين لهي ٿي ڪو دم دل تان

١: ويل وجود تان دم نہ وســري ـ پيــرين تنهنجي پيـــاس

٢: دم دم دلبـــر آهہ اوهان جي ـ تانگهـــہ طلب ۾ تاس

٣: سنڌ سنڌ ۾ آهي يار ســمـائي ـ برهہ تنهنجي جي باس

٤: چاليون تنهنجيون چڙهن ٿيون چت تي ـ تڏهن نڪريو وڃن نيساس

٥: ڪئين ٿـيـون جڳائن جانب جدايون ـ تن ۾ ڪريو ڪي تپاس

٦: ســاهہ صدق توتان سـپـرين ـ هڏ چم منهنجو مــاس

٧: منهنجو مطلب ناهہ ٻيو ڪو ـ آهہ خواهش ملڻ جي خاص

٨: ولي بخش سان گڏ گذاريو تہ وڃن سيئي وسواس

Gul Hayat Institute

ٽل: ساٿي ڏيج سلام- پانڌي پرينءَ کي منهنجي پارا

١: ڏج نياپا نياز سان نيئي- پيرين هٿڙا رکي پيئي
پهچائج پيغام- پائي پانڌ ڳچي ڳل ڳارا

٢: چئج تہ لئون اوهان جنهن کي لاتي- سو تہ روئي ٿو ڏينهان راتي
جر وهايو جام- نيڻ وهن ٿا کيونت نارا

٣: ساڻ صبح سئو فالون پايان- کوڙين تولاءِ ڪانگ اُڏايان
تر نہ وڻن ٿا طعام- کائڻ پيئڻ ٿيا سڀ ئي کارا

٤: سڪ جي سورن جنهنکي آءَ سٽيو- تنهن کان محبت محبُ نہ مٽيو
جو لڳو اوهان جي لام- تنهن کان ڪريو ٿا ڪوهہ ڪنارا

٥: ڪائي ڪهل نہ قياس تو- ڪڙي ڪاڪل سان قيد ڪيو تو
دل کي پائي دام- اول اکين جا ڏيئي اشارا

٦: جانب لاهيو هاڻ جدايون- اڇو تہ ڳل ڳراٺيون پايون
ڪريو رسڻ جي ڪام- پرچو مون سان يار پيارا

٧: برهہ تنهنجي ڪيو جنهن کي بيراڳي- ولي بخش ٿو وتي ويراڳي
ڪريو کي اچڻ انجام- لايون نيڻن کي نوان نظارا

Gul Hayat Institute

ٽل : عمر مرم مارن جو مون کي تو ماري ، وجان ويڙهيچن انهن جي اوطاري

۱ : لڌم خواب خاصو وطن ويئي آهيان، وڃي پيش پنوهارن جي آئون پيئي آهيان
ڏنا ڏي ڏاڍا ماروءَ موچاري

۲ : ڪري ظلم ظالم ڪئي بند باندي، منهنجي مارن لاءِ آهي دل ماندي
سندم ساهه سانگي سدا تو سنپاري

۳ : تنهنجا پٽ پٽيهر اوڍيان ڪين آئون ، مون کي لاڳ لوئيءَ جو ڏاجو ڏنائون
سو پهري پنوهارن پوان آئون پناري

۴ : هتي هاڻ نه جاتان ڪهڙا پهر پيندا ، هُتي مون کي مارونجان ڪيئن چيندا
انهيءَ مير مون کي ماريو آ مونجهاري

۵ : پڪا پال پيهيون اڏين اباڻا ، ڏيو سڻ سيراندي ڪن واري وڄاڻا
اچي جيڪو اُجيو ڪَن پر پياري

٦ : ڪيا ڏٽ ڏوٿين سان مون گڏجي گذارا مون کي مور نه وسرن مارو موچارا
وري شل وطن تي واحد واڳ واري

۷ : پون ياد پل پل پڪا ءِ پنوهاريون ، وساريان نه وسرن ساٿيهه سنگهاريون
اهو ڏيهه ڏاڏاڻون من ڏاتر ڏيکاري

۸ :جئي ولي بخش ويڙهيچن لاءِ ويني واجهايان، ملان شل مارئيچن اميدون نه لاهيان،
اڳيان ڪيت خوش تي ڪلي من ڪيڪاري

Gul Hayat Institute

تل: عمر اباڻي پار وڻا مينهن موڪون ، ساڻيهہ سانگين جو تيو سيئي سوايو

خبر ڪنئيہ جي مارن موڪلي تہ وٺو سڀ ولهار لڻيون راهہ روڪون
مون ڪي سنگهارن آهہ سڏايو

آئون قسمت قيد جا ڪيڙي، پيون پيڙيون ساڻ پتار، ڪائن گولاڙا ۽ گوڪون
مون ڪي قيدن آهہ ڪنبايو

آئي آهي مند ڪنين ڪائڻ جي، پيا بہ ڏت هزار، پڪيون جام پوڪون
مارئي مارن ساڻ نيئي ملايو

عمر لوئي آئون ڪيئن لاهيان هنسيون پائي هار، ڪندا مونتان توڪون
مهڻو مون ڪاڻ هيءُ گهڻو ئي آيو

ولي بخش چئي ويڙهہ وجان آئون ، مارو ڏيندا ميار ، پسان جهانگين جهوڪون
سرور شاهہ ڪندو سانگ سجايو

Gul Hayat Institute

ٽل: وطن وڃڻ جي مون کي موکل ڏيج ميان
مينهن مند اَئي پس پلر آئون پيان
1: هڪ جيڏيون هت گهمڻ ساڻ پتارن پيڙيون
ويل نٿا مون وسرن ويرهيچا ۽ ويڙهيون
ڏيجهه ڏاڏاٽي وچي ڪنييون ڪاڄ ڪيان

2: پٽ پٽيهر تنهنجا مور لڳين نہ لايان
هار هسيون زر زيور پوءِ پلا ڪيئن پايان
ثابت سيل رکي شال نياهي نيان

3: اڄا ڪو نہ آيو پنوهارن ڪان پانڌي
جي مارين منجهہ ميس تہ ڪير تيندو ڪانڌي
منهنجو مڙهہ ملير وڃي تہ جڻ ميائي جيان

4: عمر اباڻن ڏي ويڙهہ وري آئون ويندس
ڪيرون ڪتيرن کي ڏهہ ڏهہ پيرا ڏيندس
مير عمر ڏي موکل تہ تاڙيلن ساڻ ٽيان

Gul Hayat Institute

5: ولي بخش چئي موٽي ورڻ ويڙهہ وڃان
مارن ساڻ ملان اتم اميدون اڄان
ڏونئرن ڏار پچي ڏوتيئڙن کي ڏيان

ٽل: عمر ڪوٽ ۾ آءُ ڪنديس هت ڪچاڙو
ڏسان شال اکين سان ويڙهيچن جو واڙو

١: ڪڏي چڙ ڪوٺن مان وڃان آئون وطن تي
آئي منڊ موتي تنواري ٿو تاڙو

٢: تنهنجا باغ بنگلا ونن ڪين مون کي
اصل منهنجو آهي لويارن ڏي لاڙو

٣: تنهنجا سون چاندي جيڪي زر زيور
عم ايءَ اسان کي آهي سوءَ ساڙو

٤: ڪٽي ڪوه تان تو ڪئي بند بندياٽي
ڪڏهن ڪين قبندئي اهو ڏن ڏاڙو

٥: ولي بخش ڪي هلو وڃي وطن ويندا
ملي مون کي پنوهارن جو پاڙو

Gul Hayat Institute

تل: عمر منهنجن اباڻن ساڻ گذجي آئون گذاريان شل

١: مون کي ڏي مير تون موڪل - وڃان پنهنجي وطن آئون
وڃي وچڙا ولهارن ۾ - ويڙهيچن ساڻ واريان شل

٢: ٻيون سڀ چاهه مان چارين - ڦريو ڦوڳڻ پاسي ڦرڙا
منهنجا ڇيلا ڪنهن نه ڇوڙيا - سي ڇوڙيلن ساڻ چاريان شل

٣: لهنديس آئون وڃي لائون - ڪائڙ ۾ ڪيت سان خوش ٿي
ڪيل جي قول آهن منهنجا - وڃي پنهنجا سي پاريان شل

٤: منُزل موڙهل مٿو منهنجو - هجي مرُ ڇيڙ چوٽي ۾
سرتين ۽ ساهيڙين ڪان وڃي ڏر آئون ڏاريان شل

٥: ولي بخش کي نٿا وسرن - رهن ٿا ياد هو هردم
وسارڻ ڪين سي واجب - مرڪي آئون م وساريان شل.



Gul Hayat Institute

ٽل: ڪٿي مارو منهنجا ڪٿي آئون رهيس
هت قيد عمر تو ڪوهہ ڪيس

١: جڏهن الست بربڪم ٻول ٿيو
تڏهن قالو بلا مون قول ڪيو
هاڻي اِهو هيئن اچي هول پيو
آئون هتي تہ هيڪاندي هن سان هيس

٢: تنهنجي زور ظلم ڪان لاچار لڏيا
ٻڪا پائر اباڻن نيئي اڏيا
اُتي ويڙهہ وطن سڀ گهمن گڏيا
هڪي آءُ انهن ڪان ڌار ٿيس

٣: تنهنجي دڙڪن ڪين ٻيچاريو مون کي
مهڻن مارن جي آهي ماريو مون کي
جن ڏيئي پکون هو پاريو مون کي
جي ،مران ملير وڃين تہ ميائي جيس

٤: نڪي ويس وڳا تنهنجا پائيندي
ـ نڪي لوئي لڱن تان لاهيندي
سينڌ سرتين ڪان تہ ڳتائيندي
جڏهن پنهنجي وري آءُ وڃُ ويس

٥: مون تي راضي رب رحمان ٿيندو
منهنجو مارو آخر زمان ايندو
ولي بخش چئي وٺي وطن ويندو
آئون ڪي پرينءَ پنوهار پيس.



Gul Hayat Institute

ٽل: مون کي پل پل ياد پنوهار عمر - ڪيئن وساريان نٽا مون وسرن

١: ياد پون ٿا پڪا پنوهاريون - ساٿيهہ سانگي ۽ سنگهاريون
جهر جهنگ تن جي جهونگار عمر - دم دم دل تي پيا پسرن

٢: جتي جهانگيئڙن جون جهوڪون - اتي مينهن وسي ڪيون موڪون
لٽا ڏولاوا ڏڪار عمر - هاڻ آتي پيا نوان ڏت نِسرنِ

٣: ميها مڪٽيون مُرت مانڌاٽا - چنديون ڏوِتي آئينِ ڏاڏاٽا
ڏٺوندي سي ڏنار عمر - اهي آڏي اسر اُٿيو اُسرن

٤: ولي بخش جئي وطن اَءُ وينديس - اَزيون نيازيون اُن کي ڪنديس
معاف ڪنداسي ميار عمر - روح راس نہ اچي تنهنجي ڪوٺن ڪسرن.

Gul Hayat Institute

تل : لائي لئون توسان مون دلڙي ڦرائي ـ ڪري ڏاڍ ڏاڍا تو مَاري مجِائي

۱: پهرين پيچ پايم ورهه پوءِ وهايم ـ ائين ڪو نه پايم ته ڪندين ڪا جدائي

۲: ڪري ناز نتڪو ڏئي چشم چتڪو ـ مري پل اڪڻ ڪو تو وري نه ورائي

۳: پائي ڪجل ڪاني ڪيئي دل ديواني ـ مٺا محب جاني تو مفت مارائي

٤: واهه واهه ڪاشا ڏسين تو تماشا ـ بچي برهه باشا تو قيد ڪرائي

٥: ديانڙو در تون ڪجهه قياس ڪرتون ـ بچ خدا پر تون اسم اٿئي خدائي

٦: ڪان ولي بخش ويئي تنهنجي پيش پيئي تنهن کي ڏيڏيئي ڪريو ڪا وفائي

Gul Hayat Institute

ٽل : محب مٺا دل جاني - دوست دلاور دلبر
ساهه سڪي ٿو ساري - اُڪنڊ منجهه اندر

١: سٺي ساڻياهي تنهنجي ڏيل ڏکن سان ڀريو - اچا اٿائين آيو وري وڃي ٿو وريو
ڪيئن ڪٽيندس ڏينهڙا بي ثمرن جا ثمر

٢: ڪانگ اڏايو ڪوڙين ڦريو ڦالون پايان - اچ سياڻي ايندو اهڙيون اميدون پايان
حال پائي تون هڪڙو - ٻيا سڀ تان بي خبر

٣: توکي تصور بنان پل پل ڪيئن پسان - زور جرئت نا ٻي جو آئون ڏوري ڏسان
تون پنهنجو ڪرم ڪري هوت هلي آ هيڪر

٤: پرين پياسي تنهنجا آهن اداسي ڏيڙا - ساعت سال توري تو لايا وڃي ڏينهڙا
آ مسافر موٽي سوال سٺي تون سرور

٥: چارئي پنجئي بارنهن هردم تو سان حامي - عشق ادب ۾ تنهنجو جوڙ ٿئي نا جامي
ورڻ واري ڪا ڪجان ساقي سهٹا سڌر

٦: مولي؛ علي معاف ڪندو مڙيئي تنهنجا مشڪل - ولي بخش جا وارث نازن ڀريا نرمل
سار صديقي لهجان ولهن جا والي ور

Gul Hayat Institute

ٽل : توريءَ ساعت سال برابر - سال صدي کان سوايو آ
سال صدي کان سوايو آ - محبت مچ مچايو آ

۱ : ڏينهن ميٺاڪئون محب مٺا مون - پيچ تو سان ڪو پايو آ
سِڪندي سِڪندي سڪ ۾ گذاريم - صبر سڪ وڃايو آ

۲ : هاڻ مون کي محبوب ملو - تنهنجي نانگهه طلب اچي تايو آ
سڪ صبر کان ٿي پيئي سر سي - تنهن سانول يار ستايو آ

۳ : جيءُ جگر ۾ جانب جاني - دونهون درد دکايو آ
چاهه عشق جي تو جا چوري - تنهن جان جسم جلايو آ

٤ : تنهنجي حُسن جو هر گهر در - هوڪو مون تہ هلايو آ
مون کي محب مٺا من مهٺا - تو نازن ساڻ نمايو آ

٥ : ولي بخش کي يار وڪوڙي - تنهنجي گهور نيڻن جي گهايو آ
ڦري دل فقير بنائڻ - سچ چئو ڪنهن تو سيکايو آ

ٿل : دلڙي ڪئي تو ديواني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

١ : ڦري فقر ۾ ڪائي ڦيريون - دلبر لاءِ مَ ايڏيون ديريون
اچ ڪري احساني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

٢ : فڪر فراق ڦوڙائي ماري - دوست اچي تنهن ڏي دلداري
جانب ماڻي جواني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

٣ : ڪوڪون تولاءِ روز ڪري ٿي - موت مٿا مشتاق مري ٿي
محب آهي مستاني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

٤ : ڪڏهن هاڻي عجيب تون ايندون - دوست دلاسو دل کي ڏيندو
قدمن تان قرباني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

٥ : لڱون لڳي سا ڪين لڪي ٿي - ساريو توکي سڄڻ سڪي ٿي
پرين پسايو پيشاني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

٦ : روز هجرِ هِنجون هاري - تنهنجون ويئي واٽون نهاري
تنهنجي ٻانهن جي ٻانهي - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

٧ : ويئي ڏوري هاڻ ٿڪن ۾ - جنهن کي پيري هنئي توين ۾
هٿي قرب جي ڪاني - جيءُ جا جاني ڦري فقر ۾

٨ : ولي بخش جي وس ڪان وئڙي - تنهنجي ناز نهوڙي نيڙي
هاڻي وتي حيراني - جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾

Gul Hayat Institute

ٿل: مون سان مُحب مٺي منٺار - ملي صحبت ساءُ چکايو

١: ساءُ چکائي صحبت وارو - لاٿو من تان سڀ مونجهارو
لٿا دل تان درد هزار - ٿيو هاڻ لايو سڀ سجايو

٢: پردا حجاب جا سڀئي لاهي - پاٿي پنهنجو پاڻ پلائي
چڙهي تاب مڙئي تکرار - ويهي محبت ماڳ ملهايو

٣: منهن مقابل مون سان ويهي - ڳالهيون ڳجهيون ڪيائين ڪيئي
دانهه دلربا دلدار - وصل وصال جو مينهن وسايو

٤: ڳڙڳوڙي سان ڳوڙو ڏيئي - لاٿا ساجن سور سڀئي
منهنجي جاني جيءُ جيار - پيچ پرت جو واري پايو

٥: سال ٿيا هئا جنهن لاءِ سڪندي - پي جهاتيون پايم لوڪان لڪندي
تنهن اڄ وڙ ڪيا وينجهار - ولي بخش سان نئون نينهن لايو

Gul Hayat Institute

ٽل : موٽ مٺا منٺار وو يار - تنهنجي آهي سڪ ستايو

١: ڪانگ اڏايان فالون پايان - پچان پوٿي دار وو يار
ڳچي پاند پلاندڙا پايو

٢: هنجون هاريان واٽون نهاريان - پل پل آهي پچار وو يار
لڳو نينهن نہ ڪنهن بہ لڪايو

٣: پائي ليئڙو قيد تو ڪيڙو - ڪٺي حسن سندا هٿيار وو يار
مون کي نازن ساڻ نمايو

٤: توڏي نہ ڪائي مون ڏي مڙيائي - آهي محب ميار وو يار
اوهين پنهنجو پاڻ پلايو

٥: پاڻ پلائج واڳ ورائج - ولي بخش کي نہ وسار وو يار
محبت تنهنجيءَ مچ مچايو

Gul Hayat Institute

ٽل: سک ريت پريت پڄاڻ جي - ڪٿي خواري خلق ڪلاڻ جي

١: تڪڙ ڪري متان نينهڙو لائين - لائي پوءِ متان پڇتائين
قرب وارن جيئن قدم اُٺائين - وڪ وحدت طرف وڌاڻ جي

٢: ريت پريت جي آهي نياري - بار برهه جو بيشڪ باري
ترڪ ڏيئي تون ڪر تياري - توڪل تند وڄاڻ جي

٣: مئي محبت جو تي موالي - خيال خودي ڪان رهه تون خالي
پيري مغان ڪان پيءُ پيالي - حر تي حڪم هلاڻ جي

٤; چيڏي سُکن جو سڀ سهارو تيءُ ولي بخش ورهن وارو
محبت ري پيو سڀ مونجهارو - ڪر لاڻ توڙ نياڻ جي

Gul Hayat Institute

ٺل: سـاھڙ منھنجو سـاھ ـ ور ورن ۾ ڏيئي ونگيـو

١: پار ميـهار جي دونهين دُکي تي ـ اکين ڏٺـو اُهاءُ
ميهر ميٺاڪون مونهو منگيو

٢: گـهـڙيءَ ڏم سـان دم گـذارڻ ـ آهي غيـر گناهـ
ڏم ڏمر سان آهي ڏنگيو

٣: تار توکل سـان آئون ترنديس ـ اڳهـ کري الله
من ميهر جي رمزن رنگيو

٤: ولي بخش چئي هر دم حـامي ـ سـائي شـهنشـاهـ
لهريون لوڏا ويندس لنگهيو

Gul Hayat Institute

ٽل: اڄي ساھڙ تي ساٿي - طاقت ناهي مون ۾ ترڻ جي

١: مانگر مڇ هزارين مڙيا - واڳون آهن وچ تي وڙهيا
ويو پٽوري پاٿي - مهل اها اٿئي يار ملڻ جي

٢: رنگ ڏسي پوءِ روح ڏنو ريلو - مون نہ ڀانيو تہ آهي ڪو ڀيلو
آئون هيس اڻڄاتي - هيءَ آهي قضا جا ڪين ٽرڻ جي

٣: ڪپر جهور ڏين تا جهڙڪا - ڪارُونيار ۾ ڪن ڪن ڪڙڪا
ڪري ڏم ڏمر ڏيهاٽي - ڪرڪن ڪڄائي ساناهي ڪرڻ جي

٤: ولي بخش چئي ڪرتون واهر - اصل آهيان اوهان جي آهر
توڙ منڊي ٽاٽي - ويس وسان هاٿي ناهيان ورڻ جي

Gul Hayat Institute

ٽل : ڪامون جيئن لائي متاڙي، پرت پرديسي يار سان

1: ويو پاروچو نڪري هاٽي، ڪنهن جي لاءِ ڪتان ڙي

2: ڏئم پيــــر پنهل جو هوت ويو آ هتـــان ڙي

3: آءٌ پڻ ويندس اوڏهين جانب ويو آ جتـــان ڙي

4: ولي بخش چئي ورلاءِ تــيــو ويچاري وتان ڙي

Gul Hayat Institute

ٿل: ورپ مان وري آءُ تـ - وجان ٿي ور ڏي

١: ڪئي مو بس ڀِپور ڪان - نٿي ساهه سري

٢: لکيو لوح قلم جو - پري ڪين ٽري

٣: آهي چيت چريو ڪيتو - سندي ذوق ذري

٤: محبت مچ مچايو - هلان ڪيئن هري.

٥: ڪيل قول پنهون سان - من پرت جو پِري

٦: هوت پنهنجا هٿڙا - شل ڏوٻڻ تي ڌري

Gul Hayat Institute

٧: آل عشق نار الله ۾ - ٻانيڻ ٿي ٻِري

٨: ولي بخشور لاءِ - ٿي ماندي هي مري

ٹل: سسئي ڇڏ نہ ست ڙي - ڪاھ تہ پھچين ڪيچ ڪي

١: ڪٹي تون پير پنھل جو - راٹي ھارج رت ڙي

٢: اصل آري ڄام جو - آھي سور سنگت ڙي

٣: پرزا پيرن سان ڪڄان - پھڻ سجو پربت ڙي

٤: سڪ وارن سورن جو - عام نہ ڄاڻ انت ڙي

٥: ڪين ڇڏيندو چپرين - جانب ايندو ئي جت ڙي

٦: سڪ وارن تي سسئي - ھوت ڌريندو وھت ڙي

٧: پيئندين جام پنھل سان - شوق وارو شربت ڙي

٨: ولي بخش چئي ور لاءِ - ووءِ ووءِ ڪندي وت ڙي



Gul Hayat Institute

ٿل: جت وڃئي تــو زور ڙي هل تہ پهــچين هوت کي

١: غفلت توکـــان يار گـــوايو- سـمـهي تو آ سـور پرايو
حــجت  توکـــــان هوت وڃايـو -دل ترازي تورڙي

٢: پت پنهل سـان جا باريندي- سک پنـهـور جا سـا نہ ساريندي
گهوٽ بنان ڪئين کهر گهاريندي- تون بہ ڏنگر ڏور ڙي

٣: ؛ ج وڃي هـات ور ورائج- پيـــر پٺـــتي تون نہ پائج
يـو ساجن سان نہ ساهج- سرگهور ڪيو تون گهورڙي

٤: مـتـان ويهين ور وسـاري- سـور سـيـئي ڪـٽجان سـاري
هـوت گــڏ بئي هاڙي ڏاري- پوءِ اتي آري سـان اور ڙي

٥: ولي بخش چئي وچ تون ڪاهي- تنهنجو هاڻ هتي پوءِ چاهي
جيــئڻ آڏو جت آهي- مــر تہ مــاڻين مــورڙي

Gul Hayat Institute

ٿل: ڪنيزڪ ڪيچيءَ جي اصل ڪان آهيان آءُ
پنهل سان پرت جون لڏيون مونکي لائون

۱: پنيور ۾ پوري ڪاڻ اديون جام آيو
خوش ٿي ڪتياٽي نازڪ نينهن لايو
ويو پوءِ وساري پچان رند راهون

۲: ڏکي ساڻ ڏيرن آهي ڏاڍ ڪيڙو
جانب لاءِ جيڏيون جلي جان جيئڙو
ڏکيءَ کي ڏکن تي ڏکڙا ڏنائون

۳: رهيو هاڻ هٿ چا وچان ٿي ونڊر ۾
پسان مان پنهل کي وٽ ڪار ور ۾
ملي من محب مون منگان ٿي دعائون

٤: اذا لڪ ليون جبل جال ڏونگر
ڪنديس ڪاڻ ڪيچيءَ ڪافن ۾ ڪوڪر
سٽي مان صاحب سائل جون سدائون

۵: ولي بخش ورلئه ٿي پانيڻ پاڏائي
مون کي محب منهنجو من مولي ملائي
پچائيندو پرور من جون مدائون

ٽل : آءُ ڪم ذات ڪوجهي - ڪڪي ڪاج ڪائيان
سمي ڪيس سياڳي ساڻي ڳالهہ ڳائيان

١ : ڪُسب ۽ نصّب ۾ اصل ڪان آئون ايري
نوازي نظر سان - سمي ڪيس سيري
پلي ڪيون پلايون - پلا پال پائيان

٢ : منهنجا ڪرت ڪوجها - آئون مي مهاٽي
نهاري نظر سان - ڪيئين راج راٽي
نہ شاهہ سان شراڪت - ڳجي پاند پائيان

٣ : ڏنا جام انعام - ڪنگالن ڪي ڪيئي
ٿيا پر پئنيار - سائل سيئي
پٽي جام پيرن - لڳين ڪي آءُ لائنيان

٤ : ولي بخش چئي شل - رهي راءِ راضي
مجي من محب مون - نوري جي نيازي
ڪري نياز نئڙت - نميو سرڙو نانئيان

Gul Hayat Institute

ٿل: آيو تڙ تماچي نوازئين اچي نوري
مهاڻن سان محبت - رکي پرت پوري

١: ڪينجهر جي ڪنڌي تي - ٿيا رس رهاڻيون
ڪريو ميل محبت - ٿيون مرڪن مهاڻيون
بدبوءِ بدلي - ٿي خوشبوءِ ڪٿوري

٢: ڪٽي ڪاچ ڪڪيون - ڪئي سيني سلامي
ڪري نياز نوريءَ - ڪيو عالم انامي
ٿيو معاف محصول - وئي مجبوري

٣: سمي جام جا مدام - وينئي ڳڻ ڳائي
هئس ڪاچ ڪڪيون - ڪٿوري سا ڪائي
ڪيو گوشو گندگيءَ - هاٺي ٿي حضوري

٤: سهاڳ سمي جي - ڪئي راڄ راڻي
ويهو ڳانڍ ڳوڙي - ٿي مرڪي مهاڻي
وصال سان ولي بخش - ويس وهلوري

Gul Hayat Institute

ٽل: سوڍل ڪي ڙي سرتيون - تو ساھ ۽ نهنجو ساري
ويئي وات نهاريان - ڪڏهن ايندو اوتاري

١: ويهو وهائيان راتڙي - نڪت نهاري
موتيو تان نہ مهندرو - جو مٺئي ويو ماري

٢: اکين آب سڪايو - اتي جيئڏيون جرهاري
گڏي مون ڪي گوندرين - هو پارٺ ويو پاري

٣: سبق سک سورن جا - ويو سوڍو سيکاري
وري وريو نہ ولهو - آئون ماريس مونجهاري

٤: ولي بخش چئي وصال جي - شل واڳ اچي واري
ڪاراٹل رهي راتڙي - من گڏجي گذاري

Gul Hayat Institute

ٽل : ميارون مون ڏي مهندرا - آهن مڙيئي
بخش مون بدڪار کي - تون سوڊل سيئي.

١: ڪيم ڏوهه ڏنگايون - ساريم نه سيئي
موٽي آيون منهن ۾ - مون جانب ڪيون جيئي

٢: اڳلي اوڳي اوڳٽي - آئون آهيان اڳيئي
ڏکج ڏول ڏلايون - ڪو پاند پناهه ڏيئي

٣: سودا تولئه سڪن ٿيون - مون جهڙيون ڪيئي
ناتو ننگ نڀائج تون - نذر سان نيئي

٤: ولي بخش چئي ولها - آئون وس ڪان هاڻي ويئي
پري پلاند پاپ جا - آهيان پيش اچي پيئي

Gul Hayat Institute

بيت

يا علي مُشكل كُشا دُل دُل سندا اي هسوار
تيءُ مدد مسكين جي هامي حمايت هر وار
معاف مشكل كر مڙيئي ۽ حب ڏي حيدر قرار
لافتح الا علي لاسيف الا ذوالفقار
شير يزدان شاهه مرادن قوت پروردگار
وارث وسيلا ولي بخش كي دائم ڏيو پنهنجو ديدار

بيت

سڏڙا سڄ سرور علي حاكم هيڻن جا آهلي
گل آهين گوهر مٺا تنهنجي آمون دامن جهلي
تنهنجو طالب آهه جيكو تنهنجي پلا تون كر پلي
تنهنجي طالبن سان كسي جو تنهن تڙيل كي هڻ تلي
ولي بخش جي هر وقت واهر وسيلا كر ولي
رهبر آهين راهنما آهي رمز رب توم رلي
ساعت كر سولي تنهنجي طالبن جي

بيت

وحدت جا وينجهار وري كج ورڻ جي
مدد تنهنجي مُصطفي چڱا چارئي يار
پنجتن پاسو تنهنجو هميشه هر وار
طالب المولي جا نوسان آهن پرت پيار
قريشي قلبن جا امين محمد اُجار
ڦيرو كج فهيم تون جاني جيءُ جيار
وارث ولي بخش جا مُحب مٺا منٺار
آهيون تو آڌار وارج واڳ وصال جي

Gul Hayat Institute

بيت

ساٿي سلام سڄڻ کي ڏج سو هزارين لک
پرين تنهنجي پرت جي پيم هاڻ پرک
ڪارڻ رب الک سگهو موٽج سپرين.

بيت

ساٿي سلام سڄڻ کي ڏجان ڪروڙين پدم
عاشق اوهان جو آهيان اڳي ڪان عدم
پريو کي قدم ولي بخش ڏي وصال جا.

بيت

اڇيو چڙهن چت تي چاليون ۽ ڳالهيون
ٻي ڪنهن سان ڪرڻ جون ڪين ڪي جي تو سڄڻ سيکاليون
ٻيون ڳالهيون ڳالهين جهڙيون هي نينهن جون نراليون
اندر ڏيو اُڏما تيون اکيون ڪن آليون
اُهي ٻرين مون پاليون توسان ڪنديس تن جون.

Gul Hayat Institute

بيت

مُحب سگها ملو اچي سڪايو آهي سڪ
اچي ويهو وجود ۾ جيئن منڊيءَ متي ٿڪ
لڳو نينهن نسنگ تي هاڻي کهڙي لڪوتي لڪ
وسهو ته وهه تي ولي بخش وهڪ
پرين پياري پڪ وري سار نه لڌو سپرين.

بيت

اوهان سار نہ لڌي سپرين آءُ سڪان ۽ ساريان
اچن سور سڌون ڪريو کهڙيءَ تل ٿاريان
ورهہ ۾ ولي بخش چئي گهايل ٿيو گهاريان
هنجون تو هاريان سگها مُحب ملو اچي.

بيت

اڪيون اڻ جهل اَ ڪريون مارين ٿيون مهمير
ڪئين ڪُنائون ڪيترا اڪابر امير
ڪئين نمائي ڪجلين ڦيري ڪيا فقير
هئا ولي بخش وير پر ورِهہ وهائي آيا.

بيت

اکيون اکڙين سان جڌهن ٿيون اٽڪن
هو نهارين ناز مان هي نياز ۾ نمن
پورا پاتا پيچ کي پڪا پنبڻين
مون کي معشوقن نازن سان نمائيو

Gul Hayat Institute

بيت

نازءِ نياز جو ڪونهي حد حساب
نيٽن واري ناز جو آهہ تڪيرو تاب
نياز نماڻو ٿيو آٿي رڳو آب
سور سرجن سڪ مان آهي سڪ ثواب
لاشڪ لا جواب ولي بخش ورهہ ٿيو.

بيت

مون ڏي ماروءَ مير جا هزارين حرف سيا
الست بر بڪم مونکي قول ڪيا
عمر اباڻن ريءَ مون ڪي پهر پيا
اسين اصل تنهنجا نڪي سيڻ سيا
ويڙهيچا ويا سور تنهنجي سومرا.

بيت

سور تنهنجي سومرا سانگ ويا سانگي
وريو نہ ويڙهيچن مان وري ڪو وانگي
آئون قابو ڪوٽ ۾ هو جهنگ رهيا جهانگي
ان ريءَ اڙانگي ٿي گهنگهر گهاريان ڏينهڙا

بيت

سانگي تنهنجي سور ڏيهي پرڏيهي تبا
سانگي ساريو سومرا آءُ وڃان ٿي وهلور
لهن ڪين لڪ سينءَ من تان مارو مور
ولي بخش چئي وطن ڪان ٿيا ڏيهائي ڏور
آڏيءَ ۽ اسور ساريو ويئي ساريان.

Gul Hayat Institute

بيت

ساريو ويئي ساريان پڪا ۽ پنوهار
وسرن ڪين وجود مان ساٺيهم ۽ سنگهار
قيدن ڪنبائيس ڪين ڪي ماريس آءُ ميار
مون ڏي ماروءَ مير جا ٿيا حرف هزار
سانگي ميل ستار واري ولي بخش ڪي.

بيت

ڏسي اَڙنگ اُپ ۾ ٿيون اڪيون بہ آڙنگ ڪن
هُو وٺو وڏ ڦرڙو هي بہ وسيو ٿيون وسن
هن وسي بس ڪئُي هي بي وس ڪين بيهن
ساري پنهنجا سپرين ڪيا اوهيرا اڪڙين
پسڻ ريءَ پرين ڪڏهن اوڪاڻيون ڪين ڪي.

بيت

ڪڏهن اوڪاڻيون ڪين ڪي وسي وٺيون
ماٺ نہ ڪن مورهين محبت جون مٺيون
ولي بخش وسن ٿيون قرب جون ڪٺيون
سي سپين ڪان سٺيون جن وسي پرينءَ واريا.

بيت

ڪاهي رسندي ڪيچ ڪي آري ٿيندو اڳواڻ
سکن سانگ نہ ڪيڙو سور اَهنس ساڻ
چئي ولي بخش وساريو جام نہ ڪيس جاڻ
پهرين هن پر وڙيو پرت جو پرياڻ
پوءِ محبت جو مهراڻ پلٽي پيو پرت تي.

بيت

سهڻي صدقو ساهڙ تان پر سو پيا صدقا
کندي هيئن نہ قرب ۾ اندر کي اڌکا
پڌي پاتاري نہ ٿي درياءَ جا ڏڌکا
ساهڙ ساڻي تنهنجو مان مري ائين منڌکا
ولي بخش وڌکا سهڻي کان سک ۾.

بيت

آءُ وجان ٿي ور ڏي ور ۾ مان وري
کيل قول پنهونءَ سان شل پرت جو پري
کيم بس پنيور کان نڻي ساهہ سري
ولي بخش ورهہ جي اَيو منجهہ آري
پانيڻ ٿي ٻري کاڻي کوري وچ ۾.

بيت

کاڻي کوري وچ ۾ کٽياڻي کاڻي
سکن سانگ نہ کيڙو اچي سور ٿيا ساڻي
پرت ۾ پنهل جي ٿي پچي پر ٿيا ساڻي
ولي بخش ور لاءِ هي وندر وکاڻي
سنجهہ کي سياڻي کاهي رسندي کيچ کي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute



درگاهه مننار فقير جو ٻاهريون ڏيک

Gul Hayat Institute

ٿلهه: هي هلڻ هن مون غريب آهي آسري الله جي
آئون نه عابد ٿيس اصل - پرهيز مون کان ناپني
نه مون ٻي عبادت ڪئي بنا ڪلمي رسول الله جي
نياز ريءَ ناهي ذرو، ڪو ٻيو عمل صالح سندم
آئون ٿو لطف رب کان گهران - پنهنجي واسطي ارواح جي
ڪم ڪاريگر ٿو ڪري - بندو آهي مثل اوزار جي
جيئن وٽي تيئن سو ڪري - پنهنجي نظر ساڻ نگاهه جي
مننار کي مرشد امين محمد اهو ارشاد ڪيو
نه رب رکندو تو بندي کي، پنهنجي پلو هيٺ پناهه جي

حضرت مننار فقير رح